# منهنجون بهترين ڪهاڻيون

## نجم عباسي



- طوفان جي تمنا
- پٿر تي ليڪو
- ڳاڙهو لال ٽين
- جيڪي منهنجي من ۾ آهي
- ناچڻي
- ايڏو سور سهي
- مون پڻ ڳايو هو
- ڏنم اڻ ڏٺل
- رشتا ناتا
- اڪيلا نہ آهيون
- سور ۾ هوندي مرجهايل
- للڪار
- پهاڙن ۾ پڪار
- پيار ڪهاڻي
- بلنديون
- پروفيسر
- دارو هن ديواني جو
- ڪهاڻي جو ڪافل
- گانڌي
- تصوف جي چير ڦاڙ
- تلاش
- زلزلو
- ماستر ياڻي
- دوڪو
- مٿي سنڌ سڪار
- لينن جي انقلابي ڪهاڻي

# منهنجون بهترين ڪهاڻيون

نجم عباسي

ساهتي سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن خانواهڻ
تعلقہ ڪنڊيارو ضلع نوشهروفيروز سنڌ
١٩٩١ع

# (سيئي حق ۽ واسطا لکيڪ وٽ)


چپائيندڙ: غلام نبي ناشاد
جنرل سيڪريٽري ساهتي سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن
خانواهڻ- ضلع نوشهروفيروز.

تعداد: هڪ هزار

ڪمپوزنگ: سنڌ ليڪ ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر حيدرآباد سنڌ

ڪمپيوٽر آپريٽنگ: حبيب قادر قريشي - سارنگ رام

ڇپيندڙ: نيو فيمس پريس - حيدرآباد

ڇاپو: پهريون

قيمت: ٦٠ روپيا



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| | |
|---|---|
| جاڻ سڃاڻ | 6 |
| ڪڏهن ٻہ ٽڪيٽ وارو ليڪڪ | 8 |
| ادب. ساڃاهہ ۽ سگهہ | 11 |
| مان فهيم جو مامو آهيان | 14 |
| 1- ڪوريءَ جي ڪهاڻي | 22 |
| 2- حادثا | 26 |
| 3- لطيفان(فهيم جو خط) | 30 |
| 4- قدمن ڇمڻ لاءِ | 37 |
| 5- پٿر تي ليڪو | 41 |
| 6- ڪراچيءَ جي ميزبان | 48 |
| 7- هٿ ڪشڪول نہ آهن | 58 |
| 8- پروفيسر | 6[illegible] |
| 9- وري نہ ايندو وڻجارو | 71 |
| 10- سنڌ ۾ طوفان | 76 |
| 11- چوريءَ جا انگل | 82 |
| 12- ڪتي جو موت | 87 |
| 13- ٻڳهو ٻرامو | 95 |
| 14- ٻاهہ جو ڇنڊ | 101 |
| 15- دوکو | 104 |
| 16- منهنجي ڌرتي جي روشني | 109 |
| 17- ويهبو نہ هاڻي ماٺ | 114 |
| 18- ڪارو صوبيدار | 118 |
| 19- سرٽيفڪيٽ | 125 |
| 20- سائيهہ مٿاڻ سون تي | 128 |
| 21- مڙسي | 135 |

| جيئي سنڌ | ويهين سالگرهه<br>(٢٤.٩.٩١) | سدا جيئي |
|---|---|---|

"شيامر" املهه يا بي مُلهه جِيون
ڪَٿجي ڪِيئن، ڪُو مَانُ نه اهڙو.

موتن جنيهن ميهٽو

I LOVE SINDH



YOUNG ENGINEER

(90)

PROUD TO BE SINDHI

اَديسي اِڄ مَرُ، سپان مزندو سيڪو
(١٩ مئي ١٩٩١ع، هالا ناڪه حيدرآباد سنڌ)

انتساب

# غزل

هيرو صراف جي ڳولا ۾ هٿون هٿ هلندو،
نيٺ لهندو ۽ وڃي مٽ ۾ انهيءَ جي پوندو!

نند تارن کي، نہ دريا کي ملي ويساهين،
ياڳ ۾ جاڳ هنن جي، ۽ هي هلندو رهندو!

ڪنهن بہ ساحل تان ڪڏهن ڪو نہ ڪو موتي پاتو،
لهي پاتار ۾ پوندو جو انهيءَ کي ليندو!

جاوري ياد پئي يا تہ حقيقت هوندي، وسرندو،
وسري وري ياد نہ سپنو پوندو!

پير هلندڙ نہ کي بيٺل ئي ڪٿي پير ٽڪل،
جو وڃن مان ٿو وڃي ڪنهن کي سو رستو لڳندو؟

مينهن ڪڻ، ماڪ ڦڙا، لڙڪ بہ آخر پاڻي،
جو ڦڙو موتي بڻيو سو تہ نہ پاڻي بڻندو!

نارائڻ شيام

فَهيم عباسيءَ جي نالي....
جنهن ١٩ مئي ١٩٩١ع، حيدر چوڪ حيدر آباد تي، سنڌايل سنڌ
جي قومي جلسي ۾ شرڪت لاءِ نوابشاهہ جي پانديئڙن سان
ويندي، هالا ناڪہ حيدر آباد وٽ پنهنجي جيون ڀيٽا ڪئي.

# ڄاڻ سڃاڻ

اهڙو ادب تخليق ڪيو وڃي، جيڪو انساني جذبن ۽ اُڌمن جي ترجماني ڪري. ائين هروڀرو نہ آهي تہ اديب پنهنجي ذات، پنهنجي ذهني سُڪون خاطر لکي ٿو. پر اڄ تائين سائين نجم عباسيءَ جيڪي بہ ڪجھ لکيو آهي، اُهو ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ ، ٻين جي ذهن تائين پهچائڻ لاءِ لکيو آهي، پنهنجي عوام جي نفسيات کي سامهون رکي لکيو آهي. هن، سماجي مسئلن ، معاشي مسئلن، ثقافتي، سياسي ۽ ديس وارن جي مسئلن تي قلم کنيو آهي.

اڄ بہ هو اڌرنگ جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا آهي. شديد جسماني ڪمزوري جي باوجود هي اڏول ارادي وارو مهان اديب (اڃا خاموش نہ ٿيو آهي) پنهنجي قوم ۽ عوام جي نجات جي لاءِ مسلسل لکي پيو هو ٿڪو نہ آهي، پنهنجي سنڌي پڙهندڙن کي نيون نيون ڪهاڻيون ڏئي پيو، پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڇڻ ماڻهن جي دلين جي ڳالھ پيو ڪري، ڳالھ سان گڏ ان تي عمل ڪرڻ جي وات بہ ڏسي ٿو. سائين نجم عباسيءَ سادگيءَ سان گذاريو آهي . پاڻ ڪڏهن بہ شهرت جي ضرورت محسوس نہ ڪئي اٿن، نہ ئي ڪي ورې هن حيلا هلاياآهن ۽ هي واحد سنڌ ۾ ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جا ايترا ڪتاب ڇپجي سنڌي قوم جي هٿن تائين پهتا آهن. هو ڳالھ ڪندو تہ صاف ڪري، جنهن ۾ نہ مُنافقيءَ وارو رويو هوندو نہ ئي ورې ڪنهنجي اجائي طرفداري هوندي. هن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ هو قول ۽ فعل ۾ سچو آهي. ڪهاڻي هجي، مضمون هجي، ناول هجي، آتم ڪٿا هجي،مڪالمو هجي يا ترجمو هجي، هن تخليقي ادب سان گڏ تحقيقي ادب ۾ بہ پاڻ ميرايو آهي- سائين نجم عباسي مختلف موضِوعن جهڙوڪ: سياست، فلسفو، ادب ۽ سنڌ جي تاريخ تي سنئي ڄاڻ رکي ٿو، هن ڪڏهن بہ سمجهوتو نہ ڪيوآهي، پنهنجي لکڻين ۾ اوليت پنهنجي نظرين کي ڏني آهي- سائين امان الله عباسي ۽ مون سائين نجم عباسيءَ کي چيو تہ اسان ساهتي سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن خانواهڻ طرفان اوهان جو ڪتاب ڇپرائڻ ٿا چاهيون، اوهان پنهنجون پسنديده ڪهاڻيون چونڊي اسان کي ڏيو ۽ سائين نجم عباسيءَ اُهي ڪهاڻيون اسان کي چونڊي ڏنيون. هي ڪتاب نجم عباسي جو ٢٧هون ڪتاب آهي -

هتي تنظيم خانواهڻ جو بنياد ١ سيپٽمبر ١٩٨٤ع تي پيو. هيءَ تنظيم، تعليم، ادب، صحت ۽ ماڻهن جي سماجي مسئلن جي خدمت لاءِ قائم ڪئي وئي آهي. هن تنظيم طرفان هن وقت ساهتي لائبريري ۽ ساهتي ٽيوشن سينٽر هلن پيا. - ١٨ آڪٽوبر١٩٨٥ع تي ساهتي لائبريري جو افتتاح ۽ سائين نجم عباسي جو

جنم ڏينهن خانواهڻ ۾ ملهايو ويو.٢٦ اپريل ١٩٩١ع تي خانواهڻ ۾ نجم عباسي جو سنڌي ادب ۾ گولڊن جوبلي سال (٩١-١٩٤١ع) ملهايو ويو - پاڻ هن تنظيم جو ميمبر پڻ آهي، ساهتي لائبرري کي ڪافي ڪتاب امداد ڪيا آهن ۽ ڪندو رهي ٿو.

شهيد فهيم فاروق عباسي جيڪو ساهتي تنظيم جو بنيادي ميمبر هو، نهايت خوش مزاج، ادب دوست ۽ سنڌ دوست انسان هو. لائبريريءَ کي پڻ ڪافي ڪتاب امداد ڪيائين، جڏهن به خانواهڻ آيو ته ساهتي لائبريري ۾ اچي ضرور حاضري ڀرائي.

ساهتي سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن خانواهڻ جو سرپرست اعليٰ ۽ صدر سائين امان الله عباسي آهي. ساهتي لائبريري ١٩٨٤ع کان اڄ تائين هلائڻ ۾ ان جو ساٿ رهيو آهي. اها حقيقت آهي ته جيڪڏهن سائين امان الله جو لائبريري سان ساٿ نه هجي ها ته ساهتي لائبريري پوين پساهن۾ اچي ختم ٿي وڃي ها. مفت ۾ جاءِ ڏيڻ، لائبررين کي پگهار ، ڪتاب ۽ اخبارون گهرائڻ لاءِ امداد ۽ هر ممڪن مدد ڪندو رهي ٿو. هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ اسان يوسف سنڌي،علي نواز گهانگهرو، سرمد عباسي ۽ سارنگ سهتو جا ٿورائتا آهيون جن پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ مدد ڪئي -

"منهنجون بهترين ڪهاڻيون" اوهان جي هٿن ۾ آهي، اڳتي به هن اداري طرفان سٺا ۽ معياري ڪتاب ڇپرائي پڌرو ڪنداسين.

ساٿ سلامت

غلام علي ناشاد

جنرل سيڪريٽري ساهتي سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن
(رجسٽرڊ) خانواهڻ ضلع نوشهرو فيروز سنڌ.

# ڪڏهن به نه ٿڪجڻ وارو ليکڪ!

هڪ مسلسل لکندڙ ليکڪ، ڪڏهن نه منجهندڙ، وات نه وجهائيندڙ ۽ پنهنجي همعصر ليکڪن کي پنهنجي چڙهي اڳتي وڌي ويندڙ ليکڪ طور جي ڪنهن ليکڪ جو نالو کڻجي ته اهو سائين نجم عباسيءَ جو کڻجي ته صفا ٺهڪي ايندو. سائين نجم عباسي پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر ته آهن ئي پر بحيثيت اديب به پاڻ سماجي، صنعتي، مذهبي ۽ معاشي بيمارين جو ڪنهن اسپيشلسٽ ڊاڪٽر جيان پتو لڳايو آ. نه صرف پتو لڳايو آ، بلڪ ان جي جاچ پڙتال ڪري حل به ڏسيو اٿن – ان جي مثال طور سيپٽمبر ١٩٨٩ع وارو سهڻي منگرين کڻجي ته ڪهاڻي "لطيفان" ۾ اها خوبي تمام چٽي نظر ايندي. هن ڪهاڻيءَ جو مک ڪردار هڪ نوجوان عورت "لطيفان" جو آهي جنهن جو پوڙهو پيءُ نسلي هنگامن ۾ ڪلاشنڪوف جي ديوتا آڏو پينٽ طور استعمال ٿئي ٿو. لطيفان جي گهر جا حالات خراب ٿي وڃن ٿا جن کان تنگ اچي هوءَ آپگهات ڪري ٿي، پر بچي وڃي ٿي ۽ اسپتال پهچي ٿي. جت ڊاڪٽر سهاڳ سندس علاج ڪري ٿو ۽ نيڪ حسن سلوڪ سان ڊاڪٽر سهاڳ، لطيفان کي پيهر جيئري رهڻ جي خواهش ڏانهن مائل ٿو ڪري ۽ لطيفان کي هڪ سلائي مشين ٿو وٺي ڏي جنهن سان هوءَ پورهيو ڪري سکي زندگيءَ لاءِ جاکوڙ ٿي ڪري. هن ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار لطيفان جهڙيون الائجي گهڻيون عورتون آهن جن لاءِ حياتي ڪنڊن واري راهه آهي ۽ جيڪي ڪنهن ڊاڪٽر سهاڳ جون منتظر آهن. ڊاڪٽر نجم عباسي اهڙين عورتن جو مسئلو کڻي نه صرف ان جي پس منظر کان پڙهندڙن کي آگاهه ڪيو آهي بلڪ ان جو حل به ڏسيو اٿائون. جي اهڙين لاچار ۽ غربت جو شڪار عورتن کي سلائي مشينون وٺي ڏنيون وڃن ته نه صرف سندن پيٽ جي پالنا ٿي سگهي ٿي بلڪ، پيون به گهڻيون اٿوريون آسون پوريون ٿي سگهن ٿيون.

سائين نجم عباسي جڏهن به لکيو آهي ته نالي ڇپرائڻ يا ڇپيل ليک، مٽن مائٽن کي ڏيکارڻ لاءِ ناهي لکيو. پاڻ سدائين پنهنجي ديس سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ لکيو اٿائون. پاڻ سدائين پنهنجي لکڻين ۾ سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن کي وائکو ڪيو اٿائون. سندن ڪهاڻين ۾ مسڪين ماروئڙن مٿان ٿيندڙ ڏاڍاين جو ذڪر آهي ۽ شهرن توڙي ڳوٺن ۾ سنڌي ماڻهن مٿان ٿيندڙ ڦهري ڪاروائين تي احتجاج ڪيل آهي. سندن هر ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌيت جو جذبو تمام چٽو نظر ايندو –

ڪنهن ناڪام ليکڪ هڪ دفعي سائين ڊاڪٽر نجم عباسي لاءِ چيو ته نجم

١٩. گانڌي - جيون چرتر
٢٠. تصوف جي چير ڦاڙ - مضمون
٢١. تلاش - ناول
٢٢. ماستريائي - ناول
٢٣. دوکو - ڪهاڻيون
٢٤. مٺي سنڌ سکار - ڪهاڻيون
٢٥. زلزلو - ناول
٢٦. لينن جي انقلابي ڪهاڻي - جيون چرتر

ڊاڪٽر نجم عباسي جو اصل نالو نجم الدين عباسي آهي، پاڻ ١٨ آڪٽوبر ١٩٢٧ع تي ضلع نوشهروفيروز جي ننڍڙي شهر خانواهڻ ۾ ڄاوا هئا. پاڻ ١٩٥٣ع ۾ ايم-بي-بي-ايس جي ڊگري ورتي هئائون. سائين نجم عباسي صاحب لاءِ شايد ڪيترن کي اها خبر نہ هوندي تہ سائين جن شاعر بہ رهي چڪا آهن. پاڻ اسڪول جي زماني ۾ شاعري بہ ڪندا هئا جيڪا 'مون پڻ ڳايو هو' جي نالي سان ڇپجي بہ چڪي آهي. پاڻ هاڻي شاعريءَ کان ايترو تہ دور آهن جو اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي تہ ڪو پاڻ شاعر بہ هيا. توڙي جو سندن ڪيترن ڪهاڻين مثلن 'ڪراچيءَ جا ميزبان' (پٿر تي ليڪو)، ڪتاب ناچڻي جي انتساب، ڪهاڻي ناچڻي، ڦلڙي(ناچڻي) وغيره ۾ پاڻ ڪهاڻين کي اهڙو رنگ ڏنو اٿائون جو آزاد ۽ نثري نظم جو مزو ملي ٿو. پر هاڻي پاڻ شاعري کان دور آهن.

سنڌي ادب ۾ پنجاهہ سال گذارڻ وارو(پاڻ اجا بہ لکن پيا) ۽ ٢٦ ڪتابن جو وارث وچ ۾ اڌ رنگ جهڙي موذي بيماري جو ٻاندي بڻجي ويو هو ۽ سال کن لکڻ کان هلاک هيا. پر ان وچ ۾ پاڻ وري وري ان عزم جو پرچار ڪندا رهيا تہ جڏهن بہ ٺيڪ ٿيندس تہ هڪ نئون اديب ٿي نئين حوصلي سان لکندس ۽ اڄ جڏهن پاڻ ڏڪندڙ هٿن سان پين سنهالي ڪاڳر تي ڊوڙائن ٿا تہ مان آڪاش ۾ سنڌي ادب کي چوڏهين جي چنڊ جيان چمڪندو ڏسان ٿو.

سرمد عباسي
بيراج ڪالوني، سکر
٢١. ٩. ١٩٩١ع

وجي ٿو تہ پارٽي ايتري سگهاري هجڻ گهرجي، جو انهيءَ تي سڌو قدم
Direct Action کڻڻ کپي. مان وري بہ چوندس تہ هڪ انقلابي
پارٽي ان شخص کي پنهنجي پارٽي جو ميمبر ڪري جو ذهني ۽ نظرياتي طرح قومي
۽ سماجي انقلاب کي سمجهي چڪو آهي، پوءِ پارٽي هن کي هٿيار بند سياست
جي پوري سکيا ڏئي. ۽ صرف اهڙن ذهني تيار ۽ سکيا ورتلن کي پوري ساز وَ
سامان سان جلسي يا احتجاجي مظاهري ۾ وڃڻ جي موڪل ڏجي. جي ائين ڪري
نہ ٿا سگهو تہ تيستائين انتظار ۽ صبر ڪيو، جيستائين پارٽي کي انهيءَ سطح تائين
تيار ۽ منظم ڪري سگهو. باقي رڳو ڇوڪرا مارائڻ تہ وڏيرڪي ۽ بورجوا سياست
ٺيندي!

مون هن مضمون ۾ ڪٿي بہ فهيم عباسيءَ کي شهيد ڪونہ ڪوٺيو آهي.
اهو هڪ عربي لفظ آهي ۽ انهيءَ لفظ جي دوکي ۾ لکين حياتيون، خليفن، اميرن،
بادشاهن، جاگيردارن ۽ پين پرمارن غريبن، معصومن ۽ پورهيتن جون برباد پئي
ڪيون آهن.

سنڌيءَ ۾ انهيءَ لاءِ ڪو لفظ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، پرمون ڪو
موزون لفظ ڪو نہ لڌو آهي ..... جهڙوڪ: گهوريل، قربان ..... شايد توهين ڪو
ٻڌائي سگهو!

نجم عباسي.

# منهنجون بهترين ڪهاڻيون

نجم عباسي

(٢)

"منهنجي مفلسيءَ کان تہ تون واقف آهين. هڪ دفعي ڪنلن ۾ وچڙڻ ڪري منهنجي قميص کي ڇهڪ اچي ويو. لنگهي ويس ڳوٺ جي وڏيري ڪپڙ خان وٽ. مان سنئون سنئون آدمي آهيان، ۽ وچڻ سان ئي صاف لفظن ۾ هن کي چيم تہ منهنجيءَ قميص کي ٽوپو ڏئي ڏي. مان وڏيري وٽ هن ڪم لاءِ ان ڪري ويس، جو معلوم هوم تہ هو وڏو ماڻهو آهي ۽ ساري تر ۾ هن جو ئي رعب آهي. مون کي يقين هو تہ انهيءَ مرتبي وارو شخص، مون کي هيءُ خسيس ڪم ڪري ڏيندو، پر وڏيرو منهنجي ڳالهہ ٻڌي تهي باهہ ٿي ويو. چيائين، "اڙي حرامي! تون ڇا ٿو بڪين، منهنجي شان ۽ عزت کان بي خبر آهين ڇا؟ مان ڪو درزي آهيان، جو آيو آهين ٽانڪو لڳرائڻ. نڪري وڃ هتان نہ تہ ٻچ ڪرائيندو سانہ."

مان روئندو ٻاهر نڪري آيس، جڏهن روئي ٿڪس، تڏهن ڳوڙها اگهي سوچيم تہ هاڻي ڪنهن وٽ وڃان؟ آخر هلندي هلندي، ملان موسي جي اوطاق وٽ پهتس. خيال ڪيم تہ هي بہ مشهور ۽ مقبول هستي آهي، ضرور مونکي هي معمولي ڪم ڪري ڏيندو پر هتي بہ منهنجي ساڳي درگتي ٿي، ۽ مون کي لوڏي ٻاهر ڪڍيو ويو. منهنجي اکين مان وري بہ جر جاري ٿي ويو. ٻين بہ ڇتن ڇگن وٽ ويس، مگر هر هنڌ اهائي وراڻي ملي تہ "اسين درزي ٿورو ئي آهيون!"

(٣)

"ٻئي هڪ موقعي جو ذڪر آهي، منهنجو بوٽ ڦاٽي پيو، ڪٿي ويس سائين ڪرڙ شاهہ پير وٽ. وڃي عرض ڪيومانس، "سائين پير صاحب، مون غريب جو جوتو ڇڃي پيو آهي، ڏٿيءَ توهان کي وڏايو آهي، نوازش ڪري ان کي چَتي لڳائي ڏيو." منهنجو ائين چوڻ ۽ پير جو ڀنگ وارو ڏنڊو ڪٿي پنيان پوڻ. چي: "ڪمذات ڪوري! تو اسان کي موچي سمجهيو آهي؟ ڪميٽا ڪٿي جا!"

مون ڀڃي جان بچائي ۽ روئڻ اچي ويم تہ هيڏي وڏي روحانيت جي صاحب کي موچڪي جهڙو رواجي ڪم نٿو اچي. ساڳئي سوال واسطي مان ٻين وڏن وڏن زميندارن ۽ رئيسن وٽ پهتس، پر هر جڳهہ اهو ئي جواب مليو تہ اهو ڪم موچي ئي ڪري سگهندو.

(٤)

"هڪ ڀيري مون کي ڇاتيءَ ۾ سخت سور پيو. ڀڳس شهر جي وڏي ۾ وڏي سيٺ شيخ پير بخش ڏانهن. وڃي چيومانس، "سيٺ صاحب، ڏاڍي تڪليف اٿم، منهنجو ڪو علاج ڪر." اڪيون ڦوٽاري جواب ڏنائين، "دماغ تہ ٺيڪ اٿئي. مان ڪو ويج ڪو طبيب. ٽري وڃ نظرن کان، نہ تہ بي عزتو ڪري ڪيرائيندو سانہ."

مان اتان روئندو پٽيندو پڇي آيس ۽ عجب کائيندو رهيس تہ اهڙو شاهوڪار

منهنجو معمولي مرض سڃاڻي نٿو سگهي."

(٥)

هن پنهنجي گفتگو جاري رکندي چيو، "مون گهڻن ئي اهڙن موقعن تي ڏکا کاڌا ۽ بي عزتيون برداشت ڪيون. آخر پنهنجي جهالت ۽ حماقت جو مون کي احساس ٿيو، ۽ هي راز مون تي روشن ٿيو ته ڪو بہ ڪم فقط اُهو ئي ڪري سگهندو، جنهن ان ڪم ۾ سکيا ورتي هوندي ۽ تجربو حاصل ڪيو هوندو. هن حقيقت کان هر ڪو وقف آهي. اهو ئي سبب آهي. جو جڏهن بہ مان ڪنهن وڏي کان وڏي ماڻهوءَ وٽ ٿي ويس، تہ مون کي قائل قميس سبي ڏي، تڏهن هن پنهنجي بيوسي ڏيکاري چيو ٿي تہ اهو ڪم صرف درزي ئي ڪري سگهندو. ساڳيءَ طرح بوٽ ڳنڍڻ واسطي چيو پئي ويو تہ موچي ڪري ڏينده. ۽ بيماريءَ جي دوا درمل، ڊاڪٽر جي اختيار ۾ آهي."

مان هن جي تقرير مان تنگ ٿي پيس ۽ چيومانس "آخر تون چوڻ ڇا ٿو چاهين؟ هن بڪواس جو چونڊن ۾ نامينيشن پيپرن سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟"

چيائين، "بابا، صبر ڪر، مان تو کي سڀ ڪجهہ ٿو ٻڌايان... ها، سو مون ڳالهہ ٿي ڪئي تہ مٿين ڳالهہ منهنجي مغز ۾ ويني مس هئي، تہ چوڌاري چونڊن جو چرچو شروع ٿي ويو. منهنجي دماغ ۾ بہ اچي نوان ويچار ويٺا ۽ سوچڻ شروع ڪيم تہ، "حڪومت ڪرڻ، دنيا ۾ ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم آهي، انهيءَ ڪري ان واسطي وڏي ۾ وڏي طاقت ۽ قابليت جي ضرورت آهي. ووٽن جو زمانو آيو. مون خيال ڪيو تہ هاڻي حڪومت جو بار کڻڻ لاءِ تہ ڪو ماڻهو ڳولئي بہ مشڪل ملندو، جيئن تہ اهو ڪم نهايت اهم ۽ دشوار آهي، ۽ اهڙي قابليت وارا ماڻهو تہ اسان جي ديس ۾ تمام ٿورا آهن. آئون ڏٺيءَ ۾ پنهنجي ويس تہ حڪومت جو چرخو ڪيئن هلندو؟انهيءَ ٻُڌ تَر ۾ ٻاهر نڪتس تہ وڃي ملڪ جو واءُ سواءُ لهان. پر يار، وري بہ پنهنجا آنسون روڪي نہ سگهيس. مون ڏٺو تہ هر ڪو للو - پنجو پاڻ کي حڪومت ڪرڻ جو اهل پيو سمجهي. جاهل کان جاهل، احمق کان احمق آدمي بہ حڪومت جي ڪرسي هٿ ڪرڻ لاءِ تيار هو. جنهن وٽ بہ ويس. هن اهو ئي سُر آلاپيو تہ ووٽ مون کي ڏجان. مان ئي ان جو اڪيلو حقدار آهيان. ڪنهن بہ ان سوال تہ حڪومت ڪندين؟ جو جواب اهو نہ ڏنو تہ اهو ڪم، تعليم يافتہ يا قانوندان يا سياستدان ئي ڪري سگهندو، ۽ اسان جي وس جي اها چيز ناهي، جهڙيءَ طرح ڪپڙي سبڻ لاءِ چيائون پئي تہ اُهو ڪم درزي ئي ڪري سگهندو.

بس، اهو آهي منهنجي دک ۽ بيچينيءَ جو سبب تہ جي شخص بوٽ ڳنڍڻ لاءِ بہ مهارت ۽ تجربي جا قائل هئا، سي حڪومت هلائڻ جي باري ۾ ڪا بہ لياقت ضروري نٿا سمجهن.

ان کان پوءِ اخبار ۾ اميدوارن جي لسٽ ڏانهن ڏيان ڇڪائيندي نظير چوڻ لڳو: "هاڻي نالا به ڏس."

وڏيرو ڪپڙ خان به اميدوار آهي. هن جون لياقتون هي آهن ته اسڪول ۽ تعليم سان هن جي خانداني دشمني آهي، پيو ته ڇڏيو پر "اسيمبلي" جو لفظ اچارڻ به ڪو نه اچيس. ان کي هو "اسان جي ٻلي" ڪري ڪوٺيندو آهي، نه اٿس علم ۽ عقل، نه ڳالهائڻ جي تميز ۽ نه نشست برخواست جو طريقو. هو جيڪڏهن ڪجهه ڄاڻي ٿو ته صرف ايوجهه ڳوٺاڻن کي هيسائڻ ۽ ڳاريون گند ڏيڻ، غريب هارين تي ظلم ڪرڻ، هنن جي لڄن کي لٽڻ، هنن کان هر قسم جا حق کسڻ، هن وٽ پئسو آهي فقط رنڊين ۽ شراب واسطي. پاٽاريداري ته پيءُ ۽ ڏاڏي کان ورثي ۾ مليل اٿس.

سائين ڪرڙ شاهه جو به اسم مبارڪ موجود آهي، ۽ پير صاحب جون خوبيون ته ڪنهن به تعارف جي محتاج نه آهن. مڪار آهي، عياش آهي، پهرين درجي جو جاهل آهي. هن جو سمورو وقت ڪڪڙن ۽ ڪتن جون ويڙهيون ڪرائيندي گذري. ڀنگ ۽ چرس ته هن جي حياتيءَ جو اهم جزو آهن. هي آفيمي ته اسيمبلي هال ۾ به دنيا جهان کان بي خبر، گهيرٽ ڪائيندو رهندو آهي.

هن پيري ته ملان موسو به مقابلو ڪري رهيو آهي. هن کي اسلامي پارٽيءَ جي ٽڪيٽ ملي آهي. ملان موسي جو تعلق ان طبقي سان آهي، جنهن کي عام طرح مولوي سڏيو وڃي ٿو. هي ڪنهن مدرسي يا دارالعلوم ۾ پن جا پاروٽا ٽڪر کائي، ست اٺ سال پڙهي ٻاهر نڪرندا آهن، مگر ان بعد پبلڪ لائيف ۾ هنن واسطي ڪا جڳهه ڪا نه هوندي آهي. ڇو ته نه هوندا آهن ڪنهن هنر مان واقف ۽ نه هوندي اٿن سرڪاري ملازمت ڪرڻ جي ڪا اهليت. انهيءَ ڪري هنن جو بيڪار ۽ بيروزگار بنجڻ لازمي چيز آهي. ها، البت "مذهب جا ٺيڪيدار" ضرور بنجي ويندا آهن: تنهنڪري روزگار جو ڪو ٻيو وسيلو نه ڏسي، مذهب جي آڙ ۾ ئي ايوجهن کي اُلو بنائي، خوب چندا ڦريندا آهن يا مُٺن جي مانين، صدقن ۽ خيراتن سان پنهنجا جهول ڀريندا آهن، يا پيري مريديءَ جو چار پکيڙيندا آهن. ٻيو معاش جو ذريعو اٿن فتوائون. مطلب ته پيٽ ۾ پرائو لقمو وجهڻ سان هر قسم جي ضمير فروشي ڪرڻ لاءِ آماده ٿي ويندا. پوءِ سرمائيدارن جي هٿ ۾ هوندا آهن رانديڪي مثل، جيڏانهن ورائين، اوڏانهن پيا ورن. ڪڏهن ڪانگريس وٽان ڪيسو گرم ٿيڻ تي قائداعظم کي ڪافر قرار ڏيندا، ڪڏهن ڪشمير متعلق فتوائون شايع ڪندا، ۽ اڄڪلهه به زور اٿن زميناداري ۽ جاگيرداري کي حق بجانب ثابت ڪرڻ تي.

ملان موسو به ٺڙي ڦاڙي، چيخندو ٿو وتي ته اسلام ۾ زميناداري جائز آهي ۽

زمين تي شخصي ملڪيت جي منع ڪانهي. مون کي معلوم آهي تہ ڪجهہ عرصو اڳ اهو ئي مُلو موسو گهٽيءَ ۾ پنندو وتندو هو ۽ ڍِڪِي پور واسطي پريشان هو. مگر اڄ ڪلهہ چوندن ۾ لڙڻ جا سانباهہ ڪري رهيو آهي. ڪٿان آندائين ايترا پئسا؟ ڇا جي ڪري اڄڪلهہ تہ جا وڏيرا پنهنجين ميٽنگن ۾ هن کي گهرائين ٿا؟ ڪهڙو سبب آهي جو هو هر اخبار ۾ زميداري ۽ جاگيرداري جي فائدي ۾ حديثن ۽ روايتن جي حوالن سان وڏا وڏا بيان جاري ڪري رهيو آهي!

تنهن ڪان سواءِ سيٺ پير بخش بہ بيٺو آهي. هن جي زندگيءَ جو مقصد آهي پئسو ڪٺو ڪرڻ، جنهن لاءِ ڪڏي ڪان ڪٺا ۽ ذليل ترين رستا اختيار ڪرڻ ڪان بہ ڪڏهن نہ گسندو آهي. جيڪڏهن هن جي خير جي ڪمن ڏانهن نظر ڪئي وڃي تہ اهي صرف ٻہ آهن: هڪڙو وياج ڪائڻ ۽ ٻيو بليڪ مارڪيٽ ۾ ڪمائڻ.

نظير هيننر جوش ۽ جذبات ڪان ڏڪي رهيو هو. چيائين "آئون سچ ٿو چوان تہ هنن کي انسان ڪوٺڻ ئي حيوانيت آهي، ۽ اهي ئي حيوان اسان جي مٿان حڪومت هلائيندا، اسان واسطي قانون ٺاهيندا... ٻگهڙ کي ٻڪرين جي ڌڻ جو پاسبان بنايو ٿو وڃي. بوٽ ڳنڍڻ واسطي بہ قابليت ۽ آزمودي جي ضرورت آهي. مگر حڪومت هلائڻ واسطي ڇا ڪا بہ لياقت لازمي نہ آهي؟"

نظير ائين چئي وري اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. وري اچانڪ هو روئڻ بند ڪري چوڻ لڳو، "بس، هاڻي مان نہ رئندس، آئينده ڳوڙها ڳاڙڻ جي بدران مان هڪ هڪ ڳوٺ ۾ ويندس، هڪ هڪ گهر ۾ ويندس، هڪ هڪ هاريءَ سان ملندس، هڪ هڪ مزور کي منٿ ڪندس، هڪ هڪ ووٽر وٽ ويندس ۽ هن کي چوندس تہ تون تعليم پراءِ، تون وڪيل بنج، تون منتظم ۽ سياستدان بنج، تون پاڻ ۾ قابليت پيدا ڪر، حڪومت تنهنجي هجڻ گهرجي ۽ تون پنهنجا حق حاصل ڪر، ۽ پنهنجي حڪومت حاصل ڪرا" ●

خانواهڻ: ١٣- جون ١٩٤٨ع

انسان: ٨- فيبروري ١٩٦٠ع

# حادثا

هن سان آخر ڪهڙي ويڌن هئي؟ ڇا نظر گهٽ هئس، موڳو هو، يا هر وقت فڪرن ۾ ٻڏل ٿي رهيو، يا پنهنجي حياتيءَ مان ڪڪ هو جو بار بار موٽرن سان پيو مٿو ٽڪرائي؟

گذريل ڇهن مهينن اندر، منهنجي ڊيوٽيءَ ۾، اڄ هو ٽيون دفعو حادثي جو شڪار ٿي پهتو هو.

پهريون ڀيرو هڪ وڏيري جي جيپ سان ٽڪريو هو. رستي جي وچ ۾ اوچتو هو سامهون اچي ويو. موٽر وڏيرو پاڻ هلائي رهيو هو، هن بريڪ لڳائي، بندو خان ڏهه فوٽ پري وڃي ٿهڪو ڪيو. وچ شهر، سو خلق اچي مڙي، پوليس به پهچي وئي، اسپتال ۾ کڻي آيس.

وڏيري کي موٽر هلائڻ جو پروانو به ڪو نه هو، ۽ ڳوٺ پهچڻ جي به جلدي هئس. جي ٿي پوليس ڪاروائي ڪري ته موٽر به روڪي ڇڏيندا، هو پاڻ به مصيبت ۾. ان ڪري ڏاڍو پريشان ٿي رهيو هو. سپاهي به سٽيو شڪار ڏسي، ڊگها ڊگها بيان لکي رهيا هئا ۽ آڏي پڇا ڪري رهيا هئا. پوءِ مون اندازو لڳايو ته پوليس ۽ وڏيرو ڪنهن فيصلي تي پهچي چڪا هئا. هڪڙو چاڙتو زخميل وٽ ويو ۽ هن کي چيائين، "تو کي سؤ روپيا خرچي وٺي ٿا ڏيون، تون فرياد ڪرڻ تان هٿ ڪڻ، ۽ ڊاڪٽر کي لکي ڏي ته ڏک پير ترڪي پوڻ ڪري لڳو آهي."

سؤ روپين جي آڇ ٻڌي هن جون واڇون ٽڙي ويون. هن کي اعتبارَ ئي نه پئي آيو، ايتري دولت هن خواب خيال ۾ به ڪا نه ڏٺي هئي، نڙي خشڪ ٿي ويس، ان ڪري ڪنڌ لوڏي "ها" ڪيائين.

هن جو نالو بُندو هو، عمر ويهه سال، بدن بک ۽ غربت جو شڪار، منهن پيلو رت کان خالي، ڪمزور ايترو جو پاسريون پري کان ڳڻي سگهجن؛ ڪپڙا تمام ميرا ۽ ليڙون ليڙون ٿيل. چيائين: "ڪچي جهوپڙيءَ ۾ اڪيلو رهندو آهيان، ڪو مٽ مائٽ ڪو نه اٿم."

پئسن ملڻ کان پوءِ هو هڪدم غائب ٿي ويو. شايد ڊپ هوس ته متان ڦري نه وڃن.

مون هن کي ڇهن ڏينهن کان پوءِ بازار ۾ ڏٺو، هو وڏي ٺٺ ۾ هو. نئين رنگين قميص، نئون پٽاپٽي جامون، نئون بوٽ، وات ۾ پان، سگريٽ جا سوٽا هڻندو پئي ويو. مٿي تي پٽي ٻڌل هئس.

ٻئي دفعي منهنجي هڪ دوست انجنيئر جي موٽر سان حادثو ٿيو هوس.

هن جا جواب فلمي گفتگوءِ جا رٽيل جملا هئا.

مون مشڪيو. مون کي هن غريب ۽ زماني جي ستايل انسان جي بار بار حادثن جو ٿيڻ سمجهه ۾ اچي ويو هو.

ڪجهه مهينا لنگهي ويا.

هڪ شام جو اسپتال جي دروازي مان نئين ماڊل جي شورليٽ ڪار لنگهي اندر آئي. پٺئين خاني ۾ ڪو جسم ۽ ڪيل هو، اڳيان سپاهي به ويٺل هو.

سپاهيءَ اچي ڪاغذ پيش ڪيا، ڪو اڻ سڃاتل ماڻهو انهيءَ موٽر هيٺان اچي ڪري مري ويو هو ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال ۾ آندو ويو هو.

مون لاش جي صورت ڏٺي. هو بندو خان هو. اهو بندو خان جنهن جو "حادثا" گذران جو ذريعو هو. ●

جيڪي لطيفان کي ٻڌايا اٿم، سي سڀئي رهندا يا ساپيا جو روپ به وٺندا.

لطيفان به نظرون هيٺ ڪري سانت ٿي ويئي. هن جون اکيون آليون ٿي ويون هيون.

”پر بابا، توهان پنهنجن پٽسن وٽڻ جي ته ڳالهه ئي ڪانه ڪئي.“

”مان پنهنجي ڌيءَ کي ڪيئن ٿو احسان جتائي سگهان. جڏهن ڪو احسان ئي ڪونهي ته وڌيڪ ڳالهائي منهنجي دل کي رنج نه ڪر.“

لطيفان روئي ڏنو ۽ ڪو وقت رُنندي رهي.

• هن ڪهاڻي بابت شهيد • فهيم عباسيءَ جو رايو

سيپٽمبر جو شمارو بيحد نازڪ ۽ نفيس سر ورق سان هٿن ۾ آهي. پنهنجي طرفان ۾، ”سنڌين وات“، واقعي ۾ هڪ بهترين تبصرو هو. خاص ڪري ”مشير جو واعدو“ ۾ اوهان جنهن جي باڪي سان حقيقت لکي آهي، ان تي اوهان کي جس هجي. ان ڪان پوءِ ”جيڪي منجهان“ ۾ پولينڊ جي باري ۾ انتهائي معلوماتي مضمون ۽ بهارين جي مسئلي تي معلومات واقعي پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

انٽرويو ۾ پير مظهرالحق جنهن صاف گوئي سان سنڌي عوام جو بلينڪ چيڪ، ايم ڪيو ايم جهڙي تنظيم کان کيش ڪرائڻ ۽ سنڌين جي پيٽ ۾ مهاجرن جا مطالبا ميڻ واري سوال جي جواب ۾ جهڙي طرح حقيقت کان انڪار ڪيو آهي، ان مان پ پ پ جو ايم ڪيو ايم هٿان بليڪ ميل ٿيڻ جو پورو ثبوت ملي ٿو. غلام نبي مغل جو ڪالم به هڪ بهترين ليک هيو.

ڪهاڻين ۾، برک ليکڪ نجم عباسي جي ڪهاڻي،

”لطيفان“ تمام بهترين هئي.

(ماهوار سهڻي آڪٽوبر ١٩٨٩)

سال ... شاھ پنھنجو وعدو پورو ڪيو، جنھن کي عام ماڻھو پوڙ سمجھي رھيا آھن......"

مون ميز مان " حق! حق!" جو نعرو بلند ٿيو، ۽ مان مرڪندو موٽي آيس.

ٺٽو، ٩- فيبروري ١٩٥٦ع

ماھوار ھلال پاڪستان: جولاء ١٩٥٧ع •

وڃڻدا، تن کي پڻ پنهنجي حياتيءَ تان هٿ کڻڻا پوندا."
لاش کي اگهاڙو ڪري، ان کي ڪافي بيعزتيءَ نموني بگاڙيو ويو. اختياريءَ وارن تائين بہ ان لکيل ڌمڪيءَ جي خبر پهچي چڪي هئي. پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن نموني لاش اتان کڻائي ويا، ۽ گهٽ ۾ گهٽ ان شهر يا ان جي ويجهڙ ۾ ان کي دفن ڪرڻ جي ڪنهن کي همت ڪين ٿي.
هڪ لڳا، هڪڙي ڊپٽي ڪليڪٽر جي گهر کي گهيرو ڪيو ويو. هو هڪ رشوتي ڪامورو هو، وڏيون وڏيون ملڪيتون ناهيون هيائين، ۽ ڪيتري ئي زمين جو مالڪ ٿي ويو هو، جيتوڻيڪ اتي اچڻ وقت هڪ رواجي ڪلارڪ هو، ۽ معمولي مسواڙي جاءِ ۾ رهندو هو.
ڊپٽي مٿي ماڙيءَ تي چڙهي، ماڻهن کي ڏاڍيون منٿيون ايلاز ڪرڻ لڳو تہ: "خدا جي واسطي، رسول جي واسطي، چئن يارن جي صدقي، توهين اسين مسلمان آهيون، پاڪستاني آهيون، اسان کي جيئدان ڏيو ۽ ڇڏيو تہ اسان هن ملڪ مان ئي هليا ويندا سين، وري پلجي بہ هيڏي ڪونہ ايندا سين."
پر هو معاف ڪرڻ وارا ڪين هئا، ۽ هن جي رت جا پياسي هئا. پوءِ هن کي پنهنجا ڪي پاڙيسري نظر آيا. انهن ڏي منهن ڪري چيائين تہ: "ڀيو نہ تہ من پاڙي جو ننگ پئيو، پاڙي جو واسطو ٿو وجهانوَ، ويهہ ورهيہ گڏ گذاريا اٿئون، پاڙي جي واسطي اسان کي وڃڻ ڏيو."
خبر ناهي ان ڳالهہ تي پاڙي وارا ڪيئن ڪجهہ نرم ٿيا، ۽ هجوم کي ان تي راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا تہ هو هي ديس هينئر ئي ڇڏيندا، ۽ پاڻ سان ڪاري ڪوڏي بہ نہ کڻي ويندا، ايتري قدر جو هندستان جي سرحدن تي پهچڻ وقت بدن تي پيل ڪپڙا بہ لاهي ڏيندا ۽ الف ننگا ئي پنهنجا اصلوڪي پرڳڻي ۾ داخل ٿيندا، ڇو تہ اهي سڀ شيون اسان جي رت ست مان بنايل آهن.
ڊپٽي وارن لاءِ اهو ڀيو ڪو بہ چارو ڪو نہ هو. ڏاهڪو ڪن ماڻهو هن سڄي خاندان کي پنهنجي نظر داريءَ هيٺ سرحد تي پهچائڻ ويا. اتي جڏهن مڙني مردن، عورتن، ڇوڪرين ۽ ٻارن پنهنجا سمورا لٽا لاهي، هنن جي حوالي ڪيا، تڏهن هنن کي هڪ دفعو وري بہ چتاءُ ڏيئي سرحد پار وڃڻ ڏنو ويو.
ملاح ۽ مانجهي بہ انهيءَ وهڪري ۾ وهي رهيا هئا. جڏهن نديءَ واري پل تباهہ ڪئي وئي، تڏهن شهر تائين اچ وڃ ٻيڙين رستي ٿيڻ لڳي. ملاح بنگالين کي مفت ۾ پار پهچائيندا هئا، پر غير بنگالين کي وچ درياهہ ۾ آڻي ٻوڙي ڇڏيندا هئا. هو پاڻ ۾ چوندا هئا، تہ بنگالين جي زمين ۽ هر چيز تي اسان بنگالين جو حق آهي. هي زمينون، هي کيت، هي باغ، هي نديون، هي ڪارخانا، هتي جو واپار، مزوري ۽ نوڪريون پهريون اسان کي ملڻ کپن. پناهگير ۽ ٻيا پرديسي، جي هتي رهڻ چاهين

ماڻهن هن کي همدردي ڏيکاري چيو: توهان کي پنهنجي حفاظت لاءِ هڪ هنڌ هلي رهڻ کپي. پوءِ جدا جدا پاڙن وارن لاءِ ٽي جدا جڳهيون مقرر ڪيون ويون، هڪ سئنيما ۽ ٻه اسڪول. اتي هن کي وڏن صفن ۾ واڙيو ويو.

هن شهر ۾ غير بنگالين جي آدمشماري ڇهه ست سؤ کن هئي، جن مان ڪيترائي مارجي ويا هئا.

ان وقت ڪجهه هندستاني ڇاڙتا، پاڪستان جي سرحدن اندر ڪاهي پيا هئا، ۽ پاڪستانين ۾ ڏڦيڙ وجهڻ جي ڪوشش ۾ هئا، اهڙن سپاهين جو هڪڙو ويهن پنجويهن سپاهين جو جٿو، شمشير گنج ۾ اچي پهتو.

هن شهر وارن ان وقت واڙيل غير بنگالين کي ختم ڪرڻ جون سٽون پئي سوچيون. هندستاني ڇاڙتن پهچڻ سان هن کي پنهنجي پوري سهڪار جو يقين ڏياريو.

شهر وارن وٽ اهڙا هٿيار يا بم ۽ باروت ڪو نه هئا، جو سئنيما ۽ اسڪولن جي عمارتن کي اندر واڙيلن سميت ختم ڪري سگهن. اهڙيون شيون هندستاني سپاهين وٽ هيون.

منصوبو ٺاهي، پهرين سئنيما واري جاءِ وٽ ويا. بندوقن، مشين گن ۽ هٿ بم سان درن ۽ درين مان ماڻهن کي ماريو ويو. واڙيلن ۾ واتويلا مچي وئي. هنن گهڻيئي خدا ۽ رسول جا واسطا وڌا، معصوم ٻارن ۽ نياڻين تي رحم کائڻ جو اپيلون ڪيون، توبهون زاريون ڪيون، ملڪ ڇڏي وڃڻ جا قسم کنيا: پر ڪنهن کي به رحم ڪين آيو. نه بنگالين کي نه هندستاني سپاهين کي. پڇاڙيءَ ۾، ان سئنيما کي آتش جو نذر ڪيو ويو. هيءَ سئنيما ڪنهن غير بنگاليءَ جي هئي.

پوءِ هڪ اسڪول ۾ واڙيلن سان به ساڳي ڪار ڪئي وئي. هڪ به جيئرو نه ڇڏيائون. ان اسڪول کي بم سان اڏايو ويو. ان ۾ اردو پڙهائي ويندي هئي.

باقي هڪڙي اسڪول ۾ رهيل ماڻهو بچيا. هيءَ ڪولو اوڏانهن روانو ٿيو. درين ۽ ڳڙکين، روشندانن ۽ درن جي چيرن مان ڪيترائي ڇهرا جهاتيون پائي رهيا هئا. سيني جي چهرن تي موت جا پاڇولا هئا.

ٻيا ماڻهو ڪجهه پوئتي ٿي بيٺا، ۽ پارتي سپاهي بندوقون ۽ مشين گنون تاڻي، اڳتي وڌڻ لڳا. واڙيلن جا چهرا خوف ۽ هراس کان پيلا پئجي ويا. هنن ٻانهون ٻڌي نيزاريون شروع ڪيون، ۽ حياتيءَ جي ڀيک ٻڌڻ لڳا:

"رب جي واسطي، پيران پير جي واسطي، داتا گنج جي واسطي..."

وڏنڍڙ سپاهي جڏهن ويجهو آيا ۽ آوازن جا لفظ ۽ لهجو سمجهه ۾ آين، تڏهن اوچتو ئي اوچتو هن جا پير هڪ هنڌ کپي ويا ۽ هو بيهي رهيا. آوازن کي وري به چٽيءَ طرح ٻڌائون. پوءِ هڪ ٻئي ڏانهن نهاريائون ۽ نظرن ئي نظرن ۾ نياپا

ٻڌايائون، ۽ پوءِ هو ٽڙي پکڙي ويا.

اسڪول جي ڪلاسن ۾ ڏيڍ سو کن ننڍيا وڏا واڙيل هئا. هي خاندان هڪ چانهه جي کيت ۾ ڪم ڪندا هئا اهو کيت، جو اڳي هڪ انگريز جو هو، سو پنجاب جي هڪ چوڌريءَ کي مليو هو. هو ان تي ڪم ڪرڻ لاءِ هاري ۽ پورهيت ٻه پنهنجي ڳوٺان آندا هئا. هي سڀ هتي پندرهن سالن کان رهيل هئا.

سپاهين هنن کي چيو ته: اسين توهان کي ڪنهن ريجهي ٻيشن تي حفاظت سان هلي ٿا پهچايون، اڳتي توهان جا ڀاڳ ڪٽن.

هو سڀ وات، سڄو وقت ڪلندي خوش ٿيندي پنجاب جي ديس جون هڪ ٻئي کي خبرون چارون ڪندا رهيا.

ٽيشن تي پهچي، پورهيتن مان هڪڙي پوڙهي، سپاهين ڏي مهڙ ڪري، احسانمند نگاهن سان نهاريندي چيو، "منهنجا پيارا ٻچڙو، اڄ اسان کي خبر پئي آهي ته انسان جي وچ ۾ وڏي ۾ وڏو ۽ پائدار ناتو ڪهڙو آهي." •

پاتين کان وڏيڪ آهي، تہ ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ ميزبان پنهنجو سڄو گهر مهمانن جي حوالي ڪري ڇڏي، ۽ مهمان ئي ان گهر جو چرخو هلائين، ۽ ميزبان پنهنجي مادري زبان ۽ قومي سڀيتا ترڪ ڪري مهمانن واري ٻولي ۽ تهذيب اختيار ڪن.

"اسان جي ملڪ ۾ تہ جو پنهنجا حق گهري، ان کي غدار سڏيو ٿو وڃي:

"اگهو ڪاٿو ڪچ، ماٺڪن موٽ ٿي،

پلئہ پاٽي سچ، آچيندي لڄ مران."

ڪن رستن تي رڪيل نون نالن ڏانهن ڏيان ڇڪائيندي چوڻ لڳو: " سنڌ سڳوريءَ جي شهرن جي رستن، عمارتن ۽ پلين تي اهڙن شخصن جا نالا رکيا ويا آهن، جن جو ڪڏهن بہ سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌين سان واسطو نہ رهيو، جن ڪڏهن بہ سنڌين ۽ سنڌي زبان ۽ سنڌ وطن واسطي ڪجهہ بہ ڪين ڪيو. سنڌ جي سرزمين تي انهن جو ڪهڙو ڪم؟ ڇا اسان وٽ انهن کان بہ وڏيڪ عزت ۽ مرتبي وارين، خوبين ۽ خصلتن وارين هستيون موجود ڪين هيون يا ڪين آهن؟ ٻر ڏسجي ٿو تہ سنڌ جي هرڪا چڱي شئي انهن جي اکين ۾ ڪنبو ٿي ٿي لڳي. هن جي لاءِ تہ اهي شخص بہ سنڌين کان وڏيڪ عزت جي لائق آهن، جن ساري ڄمار بادشاهي درٻارين ۾ نرڙ گسائيندي ۽ وقت جي حڪومت جي واکاڻ ۾ گيت ڳائي ڳائي تڙي خشڪ ڪندي گذاري. هي تہ هتي هوندي بہ اُتي جو اوليائن جا عرس ملهائيندا. ۰ گهٽي گهٽيءَ ۾ قواليون ڳائيندا آهن. هنن ڪڏهن بہ لطيف سائين يا سچل سرمست جو عرس ڪين ملهايو هوندو. هي تہ باس باسيندا تہ بہ اُتي جي پيرن فقيرن جي، ۽ پوءِ خاص ان مقصد لاءِ هندستان وڃي انهن جي درگاهن تي باسيل نذرانا ڏيندا ۽ خير خيراتون ڪندا."

هو ڳالهائيندو رهيو. اسان جي دماغ جون دريون کلنديون رهيون، اکيون ڦاٽنديون رهيون. هن ڇوڪري ۾ ايتري ڪڙاڻ ڇو آهي؟ هن ڇا ڇا ڏٺو آهي؟ ۽ ڇا ڇا محسوس ڪيو آهي؟ هن کان پڇون تہ سهي تہ": ياٽڙا تون ڪير آهين؟ اسان کي هي ڳالهيون ڇا لاءِ ٻڌائي رهيو آهين؟--"

ميري ويدر ٽاور وٽ، اسان ڏي منهن ڪري چيائين. "يارو، اجا توهان سان گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن، هيڏانهن هڪ سنڌيءَ جي هوٽل آهي ۽ دير تائين کليل هوندي آهي. اتي هلي ويهي ٿا چانهہ بہ پيون ۽ ڪچهري بہ ڪريون."

۽ اسان جي جواب جي انتظار کان سواءِ ئي ڊرائيور کي اشارو ڪري، ساڄي پاسي هڪ گهٽيءَ ۾ موٽر موڙڻ لاءِ چيائين. ڊرائيور بہ بنا دير اوڏانهن گاڏي ڦيرائي.

اسان جو شڪ هڪ دفعو وري تازو ٿيو، ۽ موٽر جي اوندهہ ۾ ئي هڪ ٻئي

ان سلسلي ۾ بنا پڇاڳاڇا، هڪ مهينو جيل ۾ بہ رکيو ويو هوس."
بيرو خالي ڪوپ کڻڻ آيو.
ڇوڪري پڇيس، "گهڻا ڏوڪڙ ٿيا؟"
"سائين، سيٺ چيو آهي تہ پيسا نہ وٺبا."
"نہ، پيسا ضرور ڏبا، ڪيترا ٿيا؟"
"سائين، مان نہ وٺندس. سيٺ کي تو موڪليان."
سيٺ اچڻ سان چيو، "بابا، هي مهمان آهن. هنن کان پيسا ڪين وٺبا."
"نہ ڪاڪا، هي منهنجا مهمان آهن، مان ضرور ڏيندس."
"هي منهنجا بہ مهمان آهن."
"نہ، هنن جي مهماني ڪرڻ تي مونکي وڏي خوشي ٿيندي."
اسان هنن جو اهو مزيدار جهيڙو ٻڌي رهيا هئاسين. نيٺ، سيٺ پيسا ورتا، پر ساڳئي وقت اسان ڏي مهڙ ڪري، هٿ ٻڌي چيائين، "اول، سيائي ماني مون وٽ اچي کائجو. پر ادل، اوهين آيا ڪٿان کان آهيو؟"
جڏهن اسان ٻڌايس تہ راڻي پور کان، تڏهن هن جو منهن ٽڙي پيو. چيائين، "سچل سائينءَ جي جُوءِ کان، منهنجي مرشد جا آستان تان، ڀلي ڪري آيا، جيءُ آيا...." ۽ پوءِ سرَ ۾ سچل سرمست جي هيءَ ڪافي ڳائڻ لڳو:
"منهنجو پانڌيڙا! ڀرين کي ڏيج هي نياپو،
ڏيئي باھہ ڀنڀور کي، هيءَ ڪنيچ ڪندي ڪاپو:
اصل لا ڪون آهي، منهنجو ساڻن سياپو:
آهي اوهان جو سهرين، هن ڇوريءَ تي ڇاپو،
منهنجو محبوبن کي ڀيو ڏيج نہ ڏوراپو،
سدا آهين 'سچوءَ' کي، تون جيءَ جو جياپو."
موٽر ڪياماڙي طرف رواني ٿي. ڊرائيور ڏي ڇوڪري منهن ڪري چيو، "تو کي خبر اهي تہ هيترين ٽيڪسين مان مون تنهنجي ٽيڪسي ڇو چونڊي؟"
"جي سائين، الائي!"
"مون چاهيو ٿي تہ سنڌي ڊرائيور واري ٽيڪسي هجي. شڪل صورت مان ڏٺم تہ تون سنڌي آهين. ان ڪري توکي هلڻ لاءِ چيم."
"جي سائين، مهرباني."
"توکي خبر آهي. هوش محمد شيدي ڪير هو؟"
"ها سائين، هو بهادر سپاهي هو ۽ چيو هئائين: 'مر ويسون پر سنڌ نہ ڏيسون'."
ان تي هن ڇوڪري زور سان نعرو هنيو، "جيئي سنڌ!"

چاهيو تہ هرڪو پڙهيل سنڌي پاڻ پڙهي ۽ اڻ پڙهيلن کي پڙهي ٻڌائي. مان سمجهان ٿو تہ هي ڪتاب هڪ سنڌيءَ کي پنهنجو پاڻ ۽ سنڌي قوم کي سڃاڻڻ لاءِ وڏي مدد ڏيئي سگهي ٿو. مون ڇا ڪيو آهي، جو ان ڪتاب جون ڪجهہ ڪاپيون خريد ڪري، اهڙن دوستن کي پڙهڻ لاءِ ڏنم، جن نہ پڙهيو هو. هنن کي اهو بہ عرض ڪيم تہ هو پنهنجن ٻين واقفڪارن کي اهو ناول پڙهڻ لاءِ هرڪائين. منهنجا ڪي دوست جي ڳوٺن جا رهاڪو آهن، تن ڏي بہ هي ڪتاب موڪلي تاڪيد ڪيو اٿم تہ گهٽ کان گهٽ ماڻهن کي اهو ڪتاب پڙهائين.

"ڏسو تہ ڪراچيءَ جو شهر ڪيترو نہ وڏو ويو آهي. سوسائٽي، ناظم آباد، لالوکيت ۽ ٻين اهڙن ڪالونين ۾ فقط انهن ٻاهران ايندڙن کي آباد ڪيو ويو. اتي پاڪستان جا پلي ۾ پلا بنگلا ۽ شاندار عمارتون آهن..... اهي حال آهن انهن 'ويچارن' جا، جي ستايل ۽ مظلوم هجڻ ڪري، ڏتڙيل ۽ خالي کيسي هتي پهتا هئا... ٻين بہ سيني شهرن ۾ هنن لاءِ ڪالونيون ٺهرائي، وسايو ويو آهي. پر اسان جا ٿري، ڪوهستاني، مارو، ميهار ۽ هتان جا اصل رهاڪو صدين کان وٺي اڄ تائين ڏڪاريل ۽ ڏتڙيل آهن، بي گهر ۽ بي زمين آهن، بيروزگار ۽ بيوس آهن."

اسان جو گهر اچي ويو. سڀ بيٺا سين. هو اڃان بہ ڳالهائيندو رهيو.

پوءِ ڊرائيور ڏي منهن ڪري چيائين، "هاڻي هلون؟"

"سائين توهان جي مرضي. اڄ سنڌ جي صدقي توهان جي ٻلي آهيان. سڄي رات هلايو تہ بہ هڪ پئسو نہ وٺندس. هي منهنجا بہ مهمان آهن."

ڇوڪري چيو، "جيئي سنڌ!"

پوءِ اسان مان هر هڪ سان ڀاڪر پائي موڪلايائين.

موٽر چالو ٿيڻ تي چيائين، "چڱو ڀائو، هاڻي جيئي سنڌ!"

اسان کان پهريون ئي دفعو، هڪ ئي وقت ٽنهي جي واتان ان نعري جو جواب نڪتو: "سدا جيئي!" ڇو تہ اسان جا سڀ شڪ دور ٿي چڪا هئا، هن جي روش جي باري ۾، ۽ سنڌ ۽ سنڌين جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جي باري ۾، هر قسم جا شڪ. •

حيدرآباد، ١- نومبر ١٩٧٢ع
سهڻي : مارچ ١٩٧٢

جي ماڻهن کان زوريءَ صحيحون وٺندا آهن، حالانڪ اسان انهن دستاويزن جي عبراني ٻولي نه پڙهي ڄاڻون ۽ نه سمجهي سگهون.....

جون ١٩٨٢ ۾ يهودين، لبنان اندر فلسطيني ٺڪاڻن تي حملو ڪيو. بيروت شهر جي الهندي حصي ۾: جتي ڇهه هزار کن فلسطيني گوريلا هئا، تنهن کي لک کان وڌيڪ يهودين جو لشڪر گهيرو ڪري ويو. فلسطيني مڙس ٽي مقابلو ڪري رهيا هئا ۽ ٻه مهينا گذرڻ تي به يهودين کي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو هئائون. ورنه اڳي عربن ۽ يهودين جي وچ ۾ جيڪي به لڙايون لڳيون هيون ۽ جن ۾ مصر سميت مڙني عرب ملڪن جي فوج وڙهندي هئي، تن مان ڪنهن به لڙائيءَ ۾ عرب، يهودين جو هفتي کان وڌيڪ مقابلو ڪري نه سگهيا هئا ۽ يهودي پنهنجي مقصد ۾ سرپارا ٿيا هئا. پر هن جنگ ۾، فلسطينين اڪيلي سر يهودين جو مقابلو پئي ڪيو، جيتوڻيڪ هو تعداد ۾ به تمام ٿورا هئا، هنن وٽ يهودين وانگر نه بحري فوج هئي ۽ نه هوائي، ۽ هو شهر اندر يهودين جي گهيري ۾ بند هئا، ايتري قدر جو يهودين شهر جو پاڻي ۽ بجلي به بند ڪري ڇڏي هئي.

لبنان جي لڙائي ڇڙڻ شرط، فلسطيني شاگرد جنگ جي ميدان تي پهچڻ لاءِ هتان هليا ويا هئا. ٿورا هتي رهيا هئا. انهن جي هتي ئي ڊيوٽي لڳائي وئي هئي. ابو حمزو ته هڪ اک کان نابينا ٿي چڪو هو. انڪري هن جي ڊيوٽي هتي لڳائي وئي هئي.

اديب پڻ انهيءَ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو جتي ابو حمزو تعليم وٺي رهيو هو. بيروت واري لڙائيءَ دوران اديب، ابو حمزو سان خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ ملندو رهندو هو.

ابو حمزو جڏهن ٻڌندو هو ته هتي فلسطينين جي حق ۾ دعائون گهريون ٿيون وڃن، تڏهن هو مرڪي ڏيندو هو.

"دنيا جا مڙئي عرب ملڪ گڏجي به ڇهن ڏينهن کان وڌيڪ يهودين جو مقابلو نه ڪري سگهيا آهن، پر هينئر اسين فلسطيني، انهن يهودين جو ٻن مهينن کان اڪيلي سر مقابلو ڪري رهيا آهيون ۽ اڃا نه مڃي اٿئون." ابو حمزو چوندو هو.

ٽيهه لک يهودن جو نوي ڪروڙ عربن مٿان برتريءَ جي ڪارڻن جي چند ڇاڻ ڪندي، هڪ ڀيري ابو حمزي چيو ته ان کي هڪ سٽ ۾ سمجهڻو هجي ته هينئن چئي سگهجي ٿو ته "سماجي ارتقا موجب يهودي سرمائيداري دور ۾ آهن ۽ عرب اڃا قبائلي ۽ جاگيرداري دور ۾."

انجي ڇنڊ ڇاڻ ڪندي هن چيو: "اسرائيل ۾ حڪومت جو سرشتو جمهوري آهي، پر عرب ملڪن ۾ بادشاهت آهي يا آمريت ۽ ڊڪٽيٽرشپ. جمهوريت يهودين ۾ تنظيم ۽ تعليم پيدا ڪئي آهي. جمهوريت هنن ۾ قومي جاڳرتا ۽ سياسي

شعور پيدا ڪيو آهي. يهودي هڪ انتهائي منظم قوم آهي ۽ جمهوري ادارن ۽ جمهوري قدرن مان سگهه حاصل ڪري ٿي. هنن جو هر ماڻهو حڪومت ۽ حڪومت جي ڪاروبار ۾ پاڻ کي حصيدار سمجهي ٿو، ۽ انڪري هنن وٽ عوام جي قوت آهي. هنن جو هر ماڻهو شعوري طرح قومي جاڳرڙ ڪري ٿو. هنن کي رسمي تعليم نه ٿي ڏني وڃي، پرجديد دور جي سماجي ۽ سائنسي تقاضائن مطابق هنن جي ذهني اوسر ڪئي ٿي وڃي. هنن وٽ رضاڪار فوج آهي ۽ هر صحتمند ماڻهو فوجي سکيا وٺندو آهي ۽ ضرورت وقت پاڻمرادو جنگ جي ميدان تي پهچي ويندو آهي. هنن جا دانشور سماجي ۽ سائنسي شعور جاڳائڻ ۾ رڌل رهن ٿا. هنن جون عورتون سجاڳ، تعليم يافته آهن ۽ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪن ٿيون. جڏهن مردجنگ ۾ محاذ تي مصروف هوندا آهن، تڏهن هي عورتون آفيسن، ڪارخانن ۽ ٻنين تي سارو ڪم سنڀاليندي‌يون آهن. يهودين وٽ جديد جنگي سکيا ملي ٿي. وڏي ڳالهه ته هنن کي آمريڪا جهڙي سپرپاور جي سنئين سڌي پٺڀرائي آهي. يهودين جي مقابلي ۾، عرب عوام کي جهالت ۽ غلاميءَ ۾ رکيو ويو آهي. هنن کي سياسي، سماجي ۽ سائنسي طور پوئتي ۽ پراڻ پسند رکيو ويو آهي. مجموعي طرح عرب ملڪن ۾ انتهائي جهالت، عياشيپڻو ۽ جهنگليپڻو آهي. ڏسجي ٿو ته هن وقت عرب جي اها ئي حالت آهي، جا اسلام اچڻ کان اڳ هئي. انهيءَ غار مان ڪڍڻ لاءِ هنن کي هاڻي "نئين اسلام" جي ضرورت آهي. يهوديت هاڻي مذهب نه رهيو آهي پر يهوديت هڪ ذهنيت جو روپ اختيار ڪيو آهي، ۽ ان ذهنيت کي سامراجيت سڏجي ٿو. انڪري ئي دنيا جو وڏي ۾ وڏو سامراج آمريڪا، يهودين جو مک مددگار آهي. هاڻي هنن جو مقابلو عرب اهڙي نظام سان ڪري سگهن ٿا، جو جاگيرداري، سرمائيدار ۽ سامراجي نظامن کان سماجي ارتقا ۾ اڳڀرو آهي، جنهن ۾ عوام شعوري ۽ حقيقي طرح پاڻ کي پنهنجي مقصد، پنهنجي ملڪ، پنهنجي قوم، پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ڌرتيءَ جي خزانن، پنهنجي ملڪي دولت ۽ پنهنجي حڪومت جو مالڪ سمجهي ۽ مالڪ هجي. باقي دعائون ۽ خطبا، بارود ۽ بم جو مقابلو ڪري ڪونه سگهندا. وقتي مقابلي واسطي به هٿيارن سان جنگ جي ميدان تي اچڻو پوندو. ڪي عرب ملڪ هن دور ۾ سامراجي بنجي نه سگهيا آهن ته سامراجين جا ٻانهن ٻيلي يا هنن جا دلال بنجي ويا آهن ۽ هنن جو ڪردار هن لبنان جي جنگ ۾ وڌيڪ واضح ٿي پيو آهي. جي ڀر وارن عرب ملڪن ۾ عوامي راڄ ۽ جمهوريتون هجن ها ته هن وقت اتان جا عوام پاڻمرادو اسانجي مدد واسطي درياهه جي اٿل وانگر اٿلي پون ها."

هن فلسطينين جي ڪاميابين جي ڪارڻن تي به تبصرو ڪيو. هن چيو:

"عربن ۾ فقط فلسطيني ئي آهن، جن يهودين جو ان حد تائين ۽ ايترو وقت

مقابلو ڪيو آهي. ان جو سبب آهي فلسطينين جي تعليم، تربيت ۽ تنظيم. ڪوشش ڪري هر فلسطينيءَ کي نہ رڳو رواجي تعليم ڏني وڃي ٿي پر اوچي سماجي، سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل تعليم پڻ. هر فلسطينيءَ جي ننڍي هوندي کان ئي سياسي، ذهني ۽ نظرياتي تربيت ڪئي وڃي. اسان جي تنظيمن ۾ نہ رڳو باشعور قومي ۽ انقلابي تنظميون آهن، پر گوريلا تنظيمون پڻ آهن. اهي تنظيمون راڄنيتي هلچلون هلائين ٿيون ۽ گوريلا جنگيون لڙن ٿيون. فلسطيني عوام باشعور ۽ سجاڳ آهي. ان جي هر تحريڪ عوامي تحريڪ آهي. ٻين عرب ملڪن جي ليڊرشپ يا موروثي آهي يا فوجي. فقط فلسطينين جي ليڊرشپ ئي عوام مان اڀري آهي. فلسطينين جي ڪاميابيءَ جو هڪڙو وڏو ڪارڻ اهو بہ آهي تہ هو هڪ مقصد لاءِ وڙهي رهيا آهن، پنهنجي حقن لاءِ وڙهي رهيا آهن، پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ وڙهي رهيا آهن، ظلم جو مقابلو ڪرڻ لاءِ وڙهي رهيا آهن. هو ظالم جو ظلم سانت ۾ سهڻ لاءِ تيار نہ آهن."

ابو حمزي پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي، زور ڏيندي چيو "يهودين جو ظلم اسين مات ۾ سهڻ وارا نہ آهيون. اسين هنن جو مقابلو ڪندا رهندا آهيون. اسانکي اوچي تعليم سان گڏ فوجي سکيا بہ ڏني ويندي آهي. يهودي تشدد ڪري رهيا آهن. اسانکي خبر آهي. اسانکي خبر آهي تہ تشدد، تشدد کي ئي جنم ڏيندو آهي ۽ تشدد جو خاتمو پڻ تشدد سان ئي آئي سگهبو آهي. اسين مات ۾ سهڻ وارا نہ آهيون."

ابو حمزي جي اها گفتگو ٻڌي اديب کي گيتا ۾ آيل هڪ چوٽي ياد اچي وئي تہ "ظلم سهڻ پاپ آهي."

هن جنگ هلندي، هتي جا ڪي شخص پنهنجي همدردي ۽ سهائتا جي آڇ ڪرڻ لاءِ، فلسطيني شاگردن وٽ ايندا رهندا هئا. ڪي اديب جي موجودگيءَ ۾ آيا:

هڪ سياسي ليڊر، اخبار ۾ اسرائيل خلاف ۽ فلسطينين جي حق ۾ پنهنجو ڇپيل بيان ڏيکاري هنن کي پنهنجي همدردي جتائڻ لڳو. فلسطيني شاگردن، هنجو اهو ڪارنامو رد ڪري ڇڏيو ۽ چيو "عرب ملڪن ئي اسانکي بيانن سان ڍءُ ڪرائي ڇڏيو آهي."

هڪڙي ڪارخانيدار سيٺ ڪٺڪ، چانور ۽ ڪاڏي پيتي جي ٻئي سامان جون پنج ٽرڪون فلسطينين لاءِ لبنان موڪلڻ جو ارادو ڏيکاريو. فلسطينيءَ انڪار ڪندي سيٺ کي جواب ڏنو "اسانکي ڪاڌي کائڻ جي فرصت ئي ڪانهي. اسين چوويهہ ئي ڪلاڪ جنگ ۾ جنبيل رهون ٿا."

هڪڙو وڏيرو هڪ وڏي رقم جو چيڪ هنن کي ڏيڻ آيو. پر هنن اهو نہ ورتو ۽

جيو " سان کي خيرات جا سڪا نہ کپن، پر اسانکي گوليون گهرجن ۽ اهي آگريون کپن جي بندوقن جون گهوڙيون دٻائن ۽ اهي سر کپن جي ڪٽجڻ لاءِ تيار هجن."

هڪڙو شاعر آيو ۽ جهڪي جهڪي الائي ڪيترا لکنوي سلام ڪيائين، ۽ پوءِ هڪڙي اخبار ۾ فلسطينين جي پنيرائيءَ ۾ پنهنجو ڇپيل شعر ڏيکاريائين. هنن اهو پڙهڻ يا ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، ۽ چيو "اسان تاريخ جي ورقن تي پنهنجي رت سان پنهنجا شعر لکي رهيا آهيون. توهان جهڙن آسودن ۽ معزز شهرين جي شعرن جي اسانکي ضرورت ڪانهي."

هڪڙي مولانا، ڊگهي اڇي ڏاڙهيءَ وارو، هڪ وڏي آمريڪن موٽر ۾ اچي پهتو ۽ پنهنجي عربيءَ جي ڄاڻ جو مظاهرو ڪندي، عربيءَ ۾ چيو "اسان پوري ملڪ جي مسجدن ۾، توهان فلسطيني ڀائرن جي فتح واسطي هر نماز پٺيان دعائون گهرڻ جو بندوبست ڪيو آهي." فلسطيني شاگرد اصلي متاثر ڪونہ ٿيا ۽ مولانا سان اکين ۽ اکيون ملائي چيائون "جنگ لوهہ رت ۽ جرئت جو مامرو آهي. خالي هٿن جي دعائن سان ان کي منهن ڏئي نہ ٿو سگهجي. اهي هٿ دشمن خلاف کڄڻ کپن. هٿن کي دعائون پڙهڻ جو خالي ڪشتو بنائڻ بدران هٿ هٿيار پڪڙين ۽ بندوقن جون گهوڙيون دٻائن."

هڪڙي سياسي پارٽيءَ جو وفد آيو. ان جي اڳواڻ چيو "اسين پڪا ۽ امن پسند شهري آهيون، انڪري مظاهرا ڪري نہ ٿا سگهون، پر ڳوٺ ڳوٺ ۾، شهر شهر ۾ توهانجي حق ۾ ٺهراءَ پاس ڪرايا اٿئون." فلسطينين وراڻيو، "گڏيل قومن ۽ گڏيل عرب جماعتن جي ٺهرائن جو ٻہ پائيءَ جيترو اثر ڪونهي."

شاگردن جو ٽولو آيو. انهن ۾ اديب پڻ شامل هو. هنن جي هٿن ۾ ڪهاڙيون هيون. هنن چيو "اسين لبنان ۾ محاذ تي هلڻ ڪاڻ تيار آهيون. توهانجي پيڙا، اسانجي پيڙا آهي."

فلسطينين اٿي، هن ٽولي جي هڪ هڪ جڻي کي ڀاڪر پاتو. ●

# پروفيسر

اڳي غائب دماغ قسم جي پروفيسرن جا ٽوٽڪا ٻڌبا هئا. هي پروفيسر انهن مان نه آهي. پر هن کي ليڪچر ڏيڻ جو خبط هوندو آهي، سو به ڪلاس کان ٻاهر. هو سماج ڄاڻ (Sociology) جو پروفيسر آهي، ۽ جڏهن به سماجي بي انصافيءَ جي ڪا گهٽنا ٻڌندو آهي ته ليڪچر شروع ڪري ڏيندو آهي، هنجو ليڪچر سدائين اڻ کٽندڙ هوندو آهي، ايتري قدر جو ٻڌندڙ بور ٿي کسڪڻ لڳندا آهن. انڪري هڪڙي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ واقعو ۽ هن جو هڪ ليڪچر مس ماپي سگهندا.

اهو واقعو ان ملڪ جو آهي، جتي اڇوت رهندا آهن. پر پهرين مان هن پروفيسر جو ان واقعي تي ليڪچر ٻڌائيندس ۽ پوءِ اهو واقعو، ڇوته انديشو آهي ته دلچسپيءَ ڪري واقعو ته پڙهيو ويندو، پر دلچسپيءَ جي اٿاٿ ڪري متان پنيان ڏنل ليڪچر کي اڌ ۾ نه ڇڏيو وڃي.

هن ڀيري غير رواجي ڳالهه اها آهي ته جڏهن ساڳئي ملڪ مان، هن واقعي کان اڳ، پوليس جي ظلم جي، هڪ ٻئي واقعي جي خبر آئي هئي، جنهن ۾ هڪ ٽاٽي تي تتل سيخون وجهي، ڪيهن ماڻهن جون اکيون انڌيون ڪيون ويون هيون، تڏهن به پروفيسر لڳ ڀڳ ساڳيو ليڪچر ڏنو هو ۽ هن کي اهو به ياد نه رهيو هو ته اتفاق سان ان ڀيري پڻ ٻڌندڙ ساڳيا هئا........

پروفيسر چئي رهيو آهي: "بنيادي ڳالهه سمجهڻ جي هيءَ آهي ته پوليس، طبقاتي سماج جي پيداوار آهي. ملڪيت رکڻ وارو طبقو وجود ۾ آيو ته ان ۾ مار طبقي نه رڳو پنهنجي مال ۽ جائداد جي حفاظت لاءِ پر پنهنجي جان جي بچاءَ واسطي به پوليس کي وجود ۾ آندو. ٻي بنيادي ڳالهه سمجهڻ جي هيءَ آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ پوليس ڏوهه گهٽائڻ ۽ ضابطي ۾ رکڻ بدران، ڏوهه وڌائڻ ۽ ڏوهه پيدا ڪرڻ جو باعث بنجي ٿي. پوليس ڏوهن کي هٿي ڏئي ٿي، ماڻهن ۾ ڦرلٽ پيدا ڪري ٿي، دهشت پکيڙي ٿي، تشدد ۽ بدامنيءَ کي ٽيڪ ڏئي ٿي، ڪوڙا فرياد داخل ڪري ٿي، جڙتو الزام لڳائي ٿي، ڪوڙا ڪيس ٺاهي ٿي، ڪوڙا شاهد ۽ ڪوڙيون شاهديون تيار ڪري ٿي، بيگناهن کان سچي ڪرائڻ جي بهاني هنن سان غير انساني سلوڪ ڪري ٿي ۽ هنن کي خوفناڪ عذاب ڏئي ٿي، ۽ اهو سڀ ڪجهه پئسا حاصل ڪرڻ ۽ 'متان حڪم' مڃڻ لاءِ. جوا جون پاتاريون، نشي جا اڏا ۽ ٻيا سماج دشمن ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ مرڪز، پوليس جي

جون ... اگ بہ هن ساڳين ماڻهن سامهون ڪري چڪو آهي.
... منهنجي نيت اخبار جي هڪ ٻي خبر جي چند چاڻ ڪرڻ جي هئي، پر اوهان جنهن گهٽنا تي بحث ڇڙي ڪيو، مون بہ پڙ حصو ورتو." پروفيسر چوي ٿو.
"اها ٻي خبر ڪهڙي آهي،سائين؟" بہ ٽي ڄڻا هڪ ئي وقت پڇن ٿا.
"هڪڙي ٿاڻي تي هڪ بيلوهي ڇوڪري تي ڪوڙو الزام مڙهي، هن کي لاڪپ ۾ بند ڪيو ويو ۽ هن کي مارياڻون ۽ ايذاء ڇڙي ڏنائون تہ هن جي ڪيهن تي سوين ماڻهو ڪٺا ٿي ويا ۽ جوش ۾ اچي، ٿاڻي جي پيچ داهہ ڪري، ڇوڪري کي ڇڏاراياڻون ۽ پوليس وارن کي بہ اڌ مئو ڪري وڌائونا" پروفيسر ٻڌائي ٿو.
"سائين ان گهٽنا تي روشني ضرور وجهو!" ڪوڙ آواز چون ٿا.
پروفيسر کي اچرج لڳي ٿو: هي ڪهڙو موضوع آهي جو ماڻهو منهنجي ليڪچر مان ڪونہ ڪسڪيا آهن ۽ اجا بہ وڌيڪ ٻڌڻ چاهين ٿا! ●
(۱ڊسمبر ۱۹۸۳)

# ورِي نہ ايندو وڻجارو

حاجي قطب احمد رنگ والا سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ۽ واقفيت جون سرحدون منهنجي دڪان جون ديوارون هيون. ها، ڪڏهن ڪڏهن ڪتابن جي دڪانن تي اتفاقي ملڻ ٿيندو هو، يا "لطيف ڏينهن" ۽ اهڙن ٻين تهذيبي ميڙن ۾، يا ڪنهن شاديءَ جي موقعي تہ. اهڙن هنڌن تي جي ڪا وهڻ جو وجهہ ملندو هو تہ ڪچهري بہ ڪري وٺندا هئاسين. اسانجي واقفيت ڪي پندرهن سورهن سال ٿي ويا هئا، پر ڪڏهن بہ هڪ ٻئي ڪي شادي غميءَ جي ڪوٺ ڪانہ ڏنيسين. نہ ڪڏهن ڪا گهمڻ نڪتاسين ۽ نہ ڪڏهن سئنيما يا هوٽل ۾ گڏ وڃي ويٺاسين. مان هنجي دڪان ۾ ويندو هئس، تہ زوريءَ بہ ڪجهہ وقت وهاري ڇڏيندو هو، ۽ چانهہ پاڻي ۽ ميوي مٺائيءَ سان ڀؤ ڪرائڻ ڪانسواءِ اٿڻ نہ ڏيندو هو. مان ڪيترائي ڀيرا هن کي منهنجي گهر يا اسپتال اچڻ جي صلاح ڪئي، پر هو ڪڏهن بہ نہ آيو.

هن واقفيت جي شروعات ان وقت ٿي جڏهن مان پنهنجي گهر جي ججهہ جوڙائي رهيو هوس. هن جو هارڊ ويئر Hard ware جو دڪان هو. هن وٽ ڪوڪا ڪڙا، ڪنڊا، پينٽ، رنگ ۽ ٻيو ججهين ۾ ڪتب ايندڙ سامان هو. انڪري مونکي ڇهہ مهيناڪن، ٻئي ٽئين ڏينهن هن وٽ وڃڻو پوندو هو. مون ڀڃا ڳاڇا مان اهو بہ ڏٺو تہ هو ٻين دڪاندارن جي ڀيٽ ۾ شين جي قيمت مناسب ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ گهٽ وٺي ٿو. پوءِ سمورا ٿيڙ هن کان ڳنهڻ لڳس. هنجي ڳالهائڻ ۾ سادگي، فضيلت ۽ ڪشش هوندي هئي. هنجو لهجو واپارين جهڙو گهٽ ۽ پڙهيلان ڳڙهيلن جهڙو وڌيڪ هوندو هو. هو گهڻو ڪري انگريزي لباس پهريندو هو ۽ ڏاڙهي نہ رکائيندو هو.

هنجي هٽ اندر واپاري وڪر ڪانسواءِ، پٽين تي ڪن شين جا اشتهار ۽ ڪئلينڊر ٽنگيل هئا ۽ آيت واري هڪڙي تختي. ۾ ٽي وٽون وڌيڪ پٽريون هيون. سنڌن جاتيءَ جي پيير جي وڏي ۽ رنگين تصوير، ان جي هيٺان خود حاجيءَ جي مورت، جا اچي ۽ ڪاري هئي ۽ ماپ ۾ مٿين تصوير جي اڌ جيتري، ۽ پاسي ۾ هنجو گهر هٽ جي پنيان ۽ لاڳيتو هو ۽ وچ واري دروازي تي پردو چڙهيل هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اتان ٻارڙن جي رڻ جو آواز ٻڌبو هو. هن کي ننڍيا ٻار بہ هئا، پر هنجا ۽ وڏا پٽ هن سان گڏ هن دڪان ۾ ڪم ڪندا هئا.

مان جڏهن دڪان ۾ ويندو هوس تہ حاجي، ڪو ڪتاب يا رسالو پڙهندي نظر ايندو هو، يا اهو ڪتاب ميز تي رکيل هوندو هو. هڪ ڀيري منهنجو لکيل ڪهاڻين

جو ڪتاب، هنجي هٿ ۾ ڏٺم. پر مونکي محسوس ٿيو ته هن کي منهنجي ۽ ان ڪتاب جي وچ ۾ ناتي جي ڄاڻ ڪانهي.

هڪ ڏينهن هنجي هٿ ۾ گهڙيس ته هڪدم پڇيائين "ڊاڪٽر سائين، توهين ڪهاڻيڪار نجم عباسي ته نه آهيو؟"

مون هاڪار ڪئي.

هو اٿيو ۽ اچي مونکي خوشيءَ مان ڀاڪر پاتائين.

"مونکي تازوئي اهو شڪ پيو هو. پر پڪ ڪرڻ واسطي توهان سان ڳالهائڻ جو اوسيڙو پئي ڪيم. توهان لکل لعل نڪتا. ڪڏهن اهڙي ڳالهه ئي ڪانه ڪئيو. توهان به سوچيو هوندو ته هڪ بدذوق واپاريءَ کي ادب جي ڪهڙي ساڃهه!" هن چيو.

"نه، اهڙي ڳالهه ناهي. توهان کي جهڙي قسم جا ڪتاب پڙهندي ڏسندو آهيان، اهي توهان جي ادبي ذوق جي بلنديءَ جي ڪافي ثابتي هوندا آهن." مون وراڻيو.

"توهان کي خبر هوندي ته مان توهان جي مداحن مان آهيان ۽ توهانجا هڙئي ڪتاب پڙهندو رهندو آهيان" هن چيو.

جاءِ جي اڏاوت پوري ٿيڻ ڪانپوءِ به، جڏهن به مونکي ڪڙي ڪنديي يا ٻي ڪنهن به اهڙي وٿ جي حاج پوندي هئي، جا هن جي دڪان تان ملي سگهي ٿي ته مان هنجي دڪان ڏانهن منهن ڪندو هوس. ان بهاني ڇهين ٻارهين مهيني هن سان ڳالهائڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ پئي ٿيندي هئي.

هو مون سان هاڻي کلي دل ۽ کلئي ذهن سان ڳالهائڻ لڳو هو. هو چوندو هو: "جنهن جاتيءَ ۾ مان رهان ٿو، ان سان اٺٽو وهٽو پوي ٿو. ان سان رسمن ۾ ساٿ ڏيڻو پوي ٿو. خاص ڪري ان حالت ۾ ماڻهو اڪيلو رهجي ويندو. مان مذهبي رسمون به سماجي ڪارج ۽ پنهنجي تهذيب جو حصو سمجهي، ادا ڪندو آهيان."

هڪ ڏينهن دڪان ۾ ويس ته هو ڪونه هو. هنجي پٽن ٻڌايو ته هو نماز پڙهڻ ويو آهي. ٿوري دير ۾ هو اچي ويو. ڇوڪرا ڏنڌي کي منهن ڏئي رهيا هئا ۽ اسين ٻئي ڪچهري ڪرڻ لڳاسين. ڳالهين ڪندي هن چيو "مان نماز کي سماجي ڪارج ۽ پنهنجي تهذيب جو حصو سمجهي پڙهندو آهيان. جڏهن مان گهر ۾ هوندو آهيان يا اڪيلو هوندو آهيان، ته نماز ڪونه پڙهندو آهيان. جڏهن ٻه ٽي ڄڻا نماز پڙهڻ وارا هوندا آهن ۽ به نماز پڙهڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن ته مان به انهن سان گڏ بيهي ويندو آهيان. جمعي جي نماز ۽ عيد جي نماز سيني سان گڏجي ضرور پڙهندو آهيان. پيا روزو رکندا آهن ته مان به روزو رکندو آهيان. پر جي ڪنهن روزي دوران سهڻ کان ٻاهر بک يا اڄ لڳندي اٿم ته لوڪ کان لڪي ڪجهه ڪائي پي وٺندو آهيان. ائين

ڪندي مونکي گناهہ جي ڇهنڊڙي ڪانہ پوندي آهي. اسان شيعا آهيون. محرم ۾ جڏهن اسانجي جاتيءَ جو ننڍيو وڏو ڪارا ڪپڙا پائيندو آهي تہ مان پڻ ڪارا ڪپڙا ڍڪيندو آهيان. مجلسن ۾ بہ ٻين وانگر حاضر رهندو آهيان ۽ پڙ نڪرندو آهي تہ ان ۾ شريڪ ٿيندو آهيان."

هڪ لڳا ٻڌايائين تہ هو حج تي وڃي رهيو آهي:

"اسانجي جاتيءَ ۾ منهنجي حيثيت وارا دولتمند، حج تي ضرور ويندا آهن. مون حج ڪرڻ ۾ دير ڪئي آهي. جاتيءَ وارن ان باري ۾ مونکي اشارا ڏيڻ، سنئون سڌو چوڻ ۽ ٽوڪون هڻڻ شروع ڪيو آهي. سو هن سال وڃان پيو."

موٽي آيو تہ چيائين "مان ڏاڍو بيزار ٿيس. ڏاڍي رش هئي ۽ عرب اسانکي جانورن کان بہ گهٽ ٿا سمجهن. هنن جي اسان سان روش ڏاڍي کهري ۽ اڻنگي آهي. هڪ تہ اتي اسلام جوبنياد هجڻ جي ڦونڊ، ٻيو وري اسان هوندا آهيون سندن ڏرتيءَ تي، سو اصلي ڪتن سان ڳڏ ٿا ڪارائين. هڪڙي ڳالهہ خاص طرح منهنجي ذهن ۾ ويئي: هو نماز جا ڏاڍا پابند آهن. بانگ ٻڌائون تہ هزار ڪم ڇڏي، نماز ۾ جٽي ويندا. مونکي اهو احساس بہ ٿيو تہ هنن جي نماز، عبادت کان وڌيڪ هنن جي تهذيب جو حصو بنجي وئي آهي."

هو ٽئين چوٿين سال يورپ يا آمريڪا جي سير تي ويندو هو ۽ نئين صحت، چهري جي نئين چمڪ، نئين چاڻ ۽ ڪتابن جا انبار آڻيندو هو.

هڪ ڏينهن ٻارن جي تعليم جي ڳالهہ نڪتي تہ چيائين "اسان جي جاتي، ڪاروباري جاتي آهي. پيڙهين کان وڻج ائين رهيا آهيون. ٻارن جي پالنا اهڙي وايو منڊل ۾ ٿئي ٿي جو ننڍي هوندي کان ئي هنن جي رڳ رڳ ۾ ڪاروبار سمائجي وڃي ٿو ۽ اڳتي هلي هو ان ۾ ڪامياب بہ ٿين ٿا. انڪري مائٽ بہ جلد ئي هنن کي پنهنجن ڌنڌن ۾ لڳايو ڇڏين. اسان وٽ ڪي ڳاڻ ڳڻيا اهڙا ڇوڪرا هوندا آهن، جي وڏيون ڊگريون پاس ڪندا آهن. البت مون پنهنجي ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هي ٻئي وڏا ڇوڪرا تہ مئٽرڪ کان مٿي هلي ڪونہ سگهيا. باقي ننڍا ڏسون تہ ڪهڙو ٿا ٻولو ٻارين."

حاجي قطب احمد کي جيون سان پيار هو. هو جيون مان پوري رس حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هو ڪائڻ پئڻ ۽ ڪپڙي لٽي جو ڏاڍو شوقين هو ۽ سدائين ٽپ ٽاپ رهندو هو. پٽن کي بہ ساڳي ريت سهڻن ويسن ۾ ۽ سمارٽ رهڻ جي عادت وڌي هئائين. موٽر جي ڪا خاص ضرورت ڪانہ هئس. پر ٻارن ٻچن کي گهمائڻ لاءِ اها بہ رکي هئائين. موٽر ۾ اوڙي پاڙي جي مسڪين مريضن کي اسپتال تائين پهچائڻ ۾ وڏي خوشي محسوس ڪندو هو. هو چوندو هو تہ زندگيءَ سان پيار ان ۾ آهي تہ پاڻ زندهہ رهجي ۽ ٻين کي بہ زندهہ رهڻ ڏجي. نہ رڳو زندهہ رهجي،

دڪان ۾ حاجي صاحب موجود ڪونہ هو. هنجا پٽ، گراهڪن سان رڌل هئا. واندا ٿيا تہ پڇيو مان:

"حاجي سائين ڪونہ ٿو ڏسجي؟"

هن جون اکيون مون ۾ کپي ويون. انهن ۾ اچرج هو، ميار هئي يا سوال، سو مان سمجهي نہ سگهيس. وڏي پٽ جواب ڏيڻ ۾ وڌيڪ دير نہ ڪئي.

"چاچا، بابو تہ ٽي مهينا ٿيا گذاري ويو!"

"هان!" منهنجي وات مان نڪتو. مونکي ڌڌڪو پهتو.

"توهان ڏاڍي ڏک جي ڳالهہ ٻڌائي، مونکي بيحد افسوس ٿيو."

اها مون رسمي ڳالهہ نہ چئي هئي. مونکي سچ پچ افسوس ٿيو هو. هن سان منهنجو چڱو رستو رهيو هو، هو سٺي ذهن ۽ روشن خيالن وارو ماڻهو هو. پر منهنجو اهو ٻول ٻڌي وڏي پٽ چيو "چاچا، توهانکي افسوس ٿيو!"

هن اهڙي عجيب نموني، ائين چيو جو مان هيسجي ويس. خيال آيو تہ شايد مون هن جي ڳالهہ نہ سمجهي آهي، هن شايد پيءُ جي موت جي خبر نہ ٻڌائي آهي، ٻيو ڪجهہ چيو آهي. يا ٿي سگهي ٿو تہ هن جي جاتيءَ ۾ پيءُ جي لاڏاڻي تي ائين پرچاڻو ڪرڻ جو رواج نہ هجي ۽ مون غلط طريقو اختيار ڪيو آهي. يا ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ پيءُ جي ڪري هن تي جيڪي پابنديون هيون. انهن مان آجا ٿيا آهن ۽ هن لاءِ افسوس جو سوال ئي ڪونهي. يا هنجو موت ڪنهن خطرناڪ ڏوهہ يا گندي گناهہ سان ڳنڍيل هجي. بهرحال هو ۴۵ ورهين جو هو ۽ هنجي جيون، هنجي موت ڪان، هر لحاظ ڪان ڪارائتي هئي. هو جيون سان پيار ڪندڙ ۽ ترقي پسند انسان هو. هنجي ڳالهين ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جي سرهاڻ هوندي هئي، پنهنجي ڌرتيءَ جا رنگ هوندا هئا، پنهنجي ڌرتيءَ جي روشني هوندي هئي.

هو منهنجي مونجهاري کي تاڙي ويا.

"چاچا، ڇا توهان کي اڳ ۾ بابي جي موت جي خبر ڪانہ پئي آهي؟" وڏي ڇوڪري پڇيو.

"نہ" ! مون وراڻيو.

"تہ پوءِ توهانکي هنجي موت جي تفصيل جي ڄاڻ بہ ڪانہ هوندي. جي ڄاڻ هجيو ها تہ افسوس نہ ڪيو ها. اهڙو موت تہ خدا هر ڪنهن کي نصيب ڪري."

مان منجهيل نگاهن سان هن ڏي نهاريندو رهيس.

هو چوندو هليو: "هنجو موت ڏهين محرم تي ٿيو. اهو جمعي جو ڏينهن هو ۽ هن مسجد ۾ جمعي جي نماز پڙهندي دم ڏنو. اهڙو برڪت ڀريو موت ڀاڳ وارن کي ئي تہ نصيب ٿيندو آهي."

مان حيرت مان هن کي ڏسندو رهيس. (۲۳ نومبر ۱۹۸۳)●

# سنڌ ۾ طوفان

سليم ڏاڍي بيقراريءَ مان، دريءَ مان ٻاهر نهاري رهيو هو. هر لنگهندڙ ڇوڪريءَ کي ڇتائي ٿي ڏٺائين ۽ هر رڪشا جي آواز تي اميد ٿي جاڳيس. هن ۽ انيلا هِن هوٽل ۾ ملڻ جو سٽاءُ سٽيو هو.

سليم جي هيءَ سنگتياڻي، آفيس ۾ ٽيليفون آپريٽر هئي. جتي هو آفيسر هو. اڄ سليم جو گهر صفا خالي هو. هن جا هڙئي مائٽ، ڪجهه ڏينهن لاءِ، هن شهر کان ٻاهر ويل هئا. انيلا انجام ڪيو هوس ته اڄوڪي، يعني آچر رات، آچر جو سڄو ڏينهن ۽ سومر رات، ساڻس گڏ، سندس بنگلي ۾ هلي گذاريندي. سٽاءُ موجب، رات جو اٺين بجي هو هن هوٽل ۾ گڏجڻا هئا، ۽ اتان سليم جي گهر وڃڻو هون.

سليم ته اٺين کان اڳ پهچي ويو هو، پر هينئر ساڍا اٺ ٿيا هئا، انيلا اڃا ظاهر ڪونه ٿي هئي. سليم ان ڪري به بي آرام ٿي رهيو هو، جو آسمان وسڻ جا ويس ڪيو بيٺو هو، ۽ ور ورڪڙ وڄون تڪڙو تڪڙو چمڪاٽ ڪري رهيون هيون. هن چاهيو ٿي ته مينهن شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي هو گهر پهچي وڃن. مينهن پوڻ جي حالت ۾، رستي تي ڦاسي پوڻ جو انديشو هو. هيءَ هوٽل تلڪ چاڙهيءَ تي هئي ۽ هن جو بنگلو هتان ٽي ميل پري لطيف آباد ۾ هو. جڏهن زوردار برسات پوندي هئي، تڏهن تلڪ چاڙهيءَ تان، آبشار جي رفتار واري تيزيءَ سان پاڻي هيٺ وهڻ لڳندو هو، ۽ ان کان هيٺيون رستو پاڻيءَ سان ترت ئي تار ٿي ويندو هو، ۽ نئن وارو ڏيک ڏيندو هو. سليم کي خبر هئي ته اهڙي وهڪري ۾ لاهيءَ تان موٽر هلائڻ مشڪل هو. هيٺ اسٽيشن روڊ تي ۽ گاڏي کاتي ۾ مينهن جو پاڻي گڏ ٿيڻ وقت، ٽي فوٽ کن ٿي ويندو هو ۽ اهڙي حالت ۾ پاڻي موٽر جي انجڻ ۾ پهچڻ ڪري گاڏي بند ٿي ويندي ۽ بيهي رهندي.

کنوڻ جي چمڪاٽ ۾ تيزي ايندي ٿي وئي. ڪجهڪوڙ به ٿيڻ لڳي ۽ هوا جي رفتار ۾ واڌارو اچي ويو هو. نيٺ نوين بجي ڌاري، هن انيلا کي رڪشا مان لهندي ڏٺو. هو تڪڙو ٻاهر نڪتو. ان وقت برسات شروع ٿي چڪي هئي.

هن جلدي جلدي وڃي پنهنجي موٽر کولي.

انيلا مرڪن جي بارش وسائيندي چيو:

"تون ته اهڙي تڪڙ ۾ پيو ڏسجين، ڄڻ ته گاڏي گسڻ جو انديشو آهي."

"سکهي ٿي، اندر ويهه ڳالهيون پوءِ ڪجانه."

"الا، ڪهڙي نہ خوشگوار موسم آهي. اڄوڪي رات تہ ڏاڍي رومانٽڪ ٿيندي."

هوءَ ٺهڪ ڏيندي موٽر ۾ ويٺي.

انيلا .... عمر پنجويهہ سال، قد پورو پنو، رنگ پورو، وارن جي ڪٽ مرداني، غرارو ۽ ڪليل ڳچيءَ وارو چولو پهريل، پوتي سنهڙي ۽ شفاف، ڇاتيءَ جا ڪنگرا، قد بت جي لحاظ کان وڌيڪ اپريل، چهري تي تمام گهٽي ميڪ اپ، خوشبوئن سان پريل مسڪراهٽن جو مجسمو، هونءَ اداس اداس نظر ايندڙ، پر سليم سان اڪيلائيءَ وقت ڏاڍي چلولي.

سليم ... ٽيهن سالن جو اڻ پرٽيل ٺاهوڪو جوان، قد ڊگهو، بدن تي ٽيٽران جو فل سوٽ، وڏي ويڪري ٽاءِ، وارن سان ڪيائڙي بہ ڊڪيل، وات وڏو، چپ ٿلهيرا ۽ دائمي مرڪندڙ، سگريٽ ڇڪڻ جو شوقين، اکين ۾ تيزي ۽ شرارت، ڏسندڙ کي ائين محسوس ٿيندو جڻ تہ چٽر پيو ڪري.

"ڏاڍي دير ڪيئي؟" سليم موٽر ۾ وهندي پڇيو.

"وات تي ڪاليج آڏو شاگرد وڏي ميڙ جي صورت ۾ رستو روڪيو بيٺا هئا؛ ۽ جيئي سنڌ، سنڌو ديش ۽ سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ جا نعرا هڻي رهيا هئا. ان ڪري ويهہ پنجويهہ منٽ رڪشا واري کي رڪڻو پيو."

تلڪ چاڙهيءَ کان هيٺ لٿا تہ وسڪاري ۾ ڏاڍي واڄ اچي وئي، ۽آنڌي ۽ مٽيءَ جو طوفان شروع ٿي ويو. شهر ۾ بجلي بند ٿي وئي. طوفان ۾ خطرناڪ تيزي اچي وئي. آوازن ڀيانڪ صورت اختيار ڪئي: گجگوڙ، هوا جا سوساٽ، بارش جو ٺهہ ٺهہ ڪرڻ، نيسارن جو وهڻ، جڳهين جي درن ۽ درين جا ڳڙڪا، رستي تي نالي جي بورڊن، فلمن جي اشتهارن ۽ ٻين چيزن جو ڪرڻ.

فردوس سنيما وٽ پهتو تہ هن ڏٺو تہ ڪي موٽر وارا بتيون روشن ڪري، رستي جي پاسي ۾ موٽرون روڪي، بيهي رهيا هئا. هن بہ موٽر بيهارڻ ۾ سلامتي سمجهي. ۾ اجا بيٺو تہ موٽر جي ڇت مٿان شيشن ڪرڻ جا آواز ٿيا، جي ۾ واري جڳهہ جي درين مان ڪريا هئا، ۽ ڏسندي ڏسندي پاسي وارن وڪيلن جي آفيسن ۽ دڪانن جا بورڊ ۽ تختا اڏامي اچي پرسان ڪريا. اتي ئي شور ۾ هڪڙو وڏو شور اڀريو. زبردست ڌماڪو ٿيو. شايد ڪا اوچي ماڙي ڪري هئي.

هن محسوس ڪيو تہ هتي بہ خطرو آهي. ان ڪري موٽر اڳتي وڌايائين. ٻہ ٽي موٽرون ۽ ٻہ ٽي رڪشائون، وچ رستي تي پاڻيءَ ۾ بيٺل ڏٺائين. اهي شايد انجڻ بند ٿيڻ ڪري بيهي رهيون هيون.

هن هنڌ ڪني پاڻيءَ جي نيڪال واسطي وڏيون پائيپون وجهڻ لاءِ رستي جي وچ ۾ وڏي کڏ کوٽيل هئي، ڇهہ ست فوٽ اونهي ۽ ڇهہ ست فوٽ ويڪري. اها

هاڻي پاڻيءَ سان پرجي وڃڻ ڪري نظر نہ ٿي آئي. هو ان رستي تان ايندڙ ويندڙ هو، انڪري ان جي لاهين چاڙهين کان واقف هو. پر خطرو پنهنجي جڳهہ تي موجود هو. جي موٽر ٿورو بہ هيڏي هوڏي ٿئي تہ نہ موٽر جو خير ۽ نہ اُن ۾ ويٺلن جو.

موٽر پير پير ۾، جونئن واري رفتار هلي رهي هئي. هو پوري ڌيان ۽ خبرداريءَ کان ڪم وٺي رهيو هو.

موٽر قبرستان پرسان، کليل ميدان واري رستي تي پهتي. هتي ڪيترين ئي موٽرون ۽ رڪشائون، قبرستان جي پٽ جي اوٽ ۾ بيهي رهيون هيون. چرندڙ گاڏي کا ايڪڙ ٻيڪڙ ٿي ڏٺي.

هو گاڏي هلائيندو رهيو. هن خيال ڪيو تہ اهڙو تيز ۽ خطرناڪ طوفان آهي، جو هتي بيٺي بہ ڪو حادثو پيش اچي سگهي ٿو، ۽ هو بهرحال هڪ ڊارين چوڪريءَ سان گڏ هو. ان ڪري ڏکيو سڪيو، جو ڪم ڪٿي بہ، هر حالت ۾ پنهنجي گهر پهچڻ ضروري سمجهيائين.

هن اهو بہ سوچيو ٿي تہ بيهي رهڻ جي حالت ۾ پتو ناهي طوفان هڪ ڪلاڪ هلي، ٻہ ڪلاڪ هلي، چار ڪلاڪ هلي. پوءِ بہ رستا، وڻن يا بجليءَ جي ٿنڀن ڪرڻ ۽ پاڻيءَ جي جهجهائيءَ ڪري ايتري حد تائين بند ٿي سگهن ٿا، جو گاڏيءَ جو ڪاهي وڃڻ ناممڪن ٿي سگهي ٿو.

هن سامهون بيحد خطرا ٿي ڏٺا. هو من ئي من ۾ ڊڄي رهيو هو. پر پار پهچڻ جو پڪو پهہ هوس. بجليءَ جون تارون ٽٽي موٽر مٿان ڪري ٿي سگهيون. ان جو مطلب هو موٽر ۾ ويٺلن جو موت. رستي جي پاڻي ۽ گپ ۾ گاڏي گسڪي، قبضي مان نڪري، رستي کان هيٺ ڪري ٿي سگهي. اوندهہ ايڏي هئي، جو آمهون سامهون ايندڙ ويندڙ موٽر سان ٽڪر ٿي ٿي سگهيو. وڻ موٽر مٿان ڪري، پسر ڪري ٿي سگهي.

پر هو ماڳ پهچڻ جي ڌن ۾ موٽر ڪاهيندو هليو.

طوفان جي تيزيءَ ڪري گاڏي لڏي رهي هئي. انديشو پئي ٿيو تہ گاڏيءَ جا ڦيٿا زمين تان اکڙي ويندا، ۽ گاڏي بلاڪيون کائي، ٽين جي خالي دٻي وانگر اڏامندي، الاجي ڪٿي وڃي پهچندي. هو گاڏي پهرين يا ٻئي ڏنڊي (گيئر) ۾ هلائي رهيو هو، جيئن گاڏيءَ جي زمين تي پڪڙ زياده کان زياده سوگهي رهي.

مينهن ايڏو زبردست ۽ ايڏي مقدار ۾ پئجي رهيو هو، ڄڻ تہ آسمان جي درياهہ جو بند ڀڄي پيو هو. پلر جي پالوٽ هئي، اوهيڙا ڪري ٿي ائو.

روشنيءَ جي حالت اها هئي، جو موٽر جي آڏو ٻن گزن تائين بہ مشڪل نظر ٿي پئجي سگهي. بتين جي شيشن تي پاڻي لڳي رهيو هو، وايو منڊل ۾ ڪارو ڪارو نيار لڳو پيو هو. پاسي وارين درين مان ٻاهر ڪجهہ نظر ڪونہ ٿي آيو. فقط

اونده ئي اونده هئي، ٻاٽ اونده، ڀيانڪ اونده. هن موٽر جي اندرين بتي به ٻاري ڇڏي هئي، جيئن اڳيان يا پٺيان ايندڙ ڪي گاڏيءَ جي گهٽي ڪان گهٽي سوچنا ملي سگهي.

رستي جي ڇهي ڇهي سان واقفيت، هيانءَ جي سڃاڻي ۽ وچ جي واهه سان هو اڳتي وڌندو رهيو. پاسي کان به ٽي رڪشائون ۽ رڪشا وارا نظر آيس. هر هڪ رڪشا وارو، رڪشا بيهاري؛ رڪشا کي هٿن وسيلي زور سان زمين طرف پڪڙي وينو هو. شايد هو رڪشائن کي طوفان جي تيزيءَ ۾ اڏامڻ ۽ بلائيون ڪائڻ کان بچائڻ خاطر اهڙي نموني سوگهو جلهي ويٺا هئا.

هڪ هنڌ، هڪ موٽر رستي ڪان هيٺ اونڌي پيل ڏٺائين. شايد ترڪي وڃي اوڌانهن ڪري هئي. يا شايد ٻي ڪنهن گاڏيءَ سان ٽڪرجڻ ڪري اها گت بڻي هئس. انهن ۾ چڙهيلن جو ڪهڙو حشر ٿيو؟ پر اهڙي سمي، ڪنهن کي ايترو حوصلو يا ايتري همدردي هئي جو لهي وڃي جاچ جوچ ڪري ۽ ڪنهن انسان کي بچائڻ جو جتن ڪري.

هو رڙهندو هليو. صفا انڌن وانگر. آسپاس جو ڪو پتو ڪونه ٿي پيو. شور، گجگوڙ، سوسات، ڪڙڪات، ٺڪاءُ، ڌماڪا، موٽر جي ڇت مٿان ڄڻ سوين هزارين ڍرم وڄي رهيا هئا. طوفان جو راڪاس ڦوڪون ڏيئي رهيو هو. وڇون نه هيون، باهه جا نانگ هئا.

هلڻ وقت هن کي اندازو ئي ڪونه هو ته اهڙو خوفناڪ طوفان ايندو.

ريلوي ڦاٽڪ وٽ پهتو. اتي جي خطري واري ٻاڙهي تي ٻري رهي هئي. پر ڦاٽڪ کليل هو. هوڦاٽڪ اڪري، لطيف آباد ۾ گهڙيو ۽ ٻئو رستو ورتائين.

اوچتو هن هڪ هنڌ روڪٽي (بريڪ) لڳائي. موٽر ذري گهٽ رستي جي وچ ۾ ڪريل وڻ مٿان چڙهي وئي هئي. گاڏي پوئتي ڪري، وري پاسي کان اڳتي وڌايائين.

ٿورو اڳيرو سامهون ايندڙ رڪشا ان وقت نظر آيس، جڏهن صفا اچي ٽڪريس. پر بچاءُ ٿي ويو. رڪشا، موٽر جي پاسي کي رهڙيندي هلي وئي. نه رڪشا وارو بيٺو ۽ نه هن موٽر روڪڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. رڳو ٻڙ ٻڙ ڪري چيائين: "هي ڪمبخت رڪشا وارا ههڙي سمي به صحيح پاسي نه ٿا هلن." ڇو ته هي 'هڪ طرفو' رستو هو رڪشا وارو غلط اچي رهيو هو.

انيلا چيس: "پرواهه ناهي، خير ٿي ويو."

هي سارو وقت ڇوڪري چپ ۽ گنڀير رهي هئي. فقط ڪڏهن ڪڏهن سليم کي چيائين ٿي: "سنڀالجانءِ، سامهون گاڏي آهي." يا "سنڀالجانءِ، هتي گهڻو پاڻي ٿو ڏسجي."

انيلا ڪابہ گھبراھٽ ڪانہ ٿي ڏيکاري، ۽ نہ ڊپ يا پريشانيءَ وارو آواز ٿي ڪڍيائين.

اھو پر ڪڻ خاطر تہ انيلا ڊنل آھي يا نہ، سليم، موٽر جي اندر واري روشنيءَ ۾ بہ ٿي گھمرا ھن ڏي نھاريو. پر ھن جي چھري تي ڪوبہ خوف ۽ ھراس جو اھڃاڻ نظر ڪونہ آيس. شايد ڇوڪريءَ پنھنجي گھبراھٽ ڏيکاري، اھڙي وقت سليم کي وڌيڪ پريشان ڪرڻ نہ ٿي چاھيو.

ھڪ ھنڌ ڇوڪريءَ کان پڇيائين:

"ڊڄين تہ ڪونہ ٿي؟"

"مان اھڙا ڪيئي طوفان ڏسي چڪي آھيان. مان ڪونہ ٿي گھبرايان."

سليم تہ ڏاڍو گھبرايل ھو، پر ٻاھريون ھنو رکندو ٿي آيو. ھو پنھنجون پوريون قوتون گاڏي سنڀالڻ ۾ خرچ ڪري رھيو ھو. ان ڪري ھن وقت ھن جي دماغ ۾ ٻين خيالن اچڻ لاءِ خال ڪونہ ھو. پر تنھن ھوندي بہ موت جو ويچار آيس ٿي. حالتون اھڙيون ھيون، جو ڪنھن بہ وقت ڪجھہ ٿي ٿي سگھيو. ھيڪر اھوخيال بہ آيس تہ ھن حالت ۾ موت ٿيو ۽ منھنجو لاش ھن ڇوڪريءَ سان گڏ ڏٺو ويو تہ مائٽن جي بہ بدنامي ٿيندي، ۽ منھنجي لاءِ واقفڪارن ۾ ڪو ھمدريءَ جو جذبو پيدا ڪونہ ٿيندو.

رستي وارا بجليءَ جا ھڙئي ٿنيا گھٽو ڪري جھڪي پيا ھئا: ڪي ٿورو، ڪي گھڻو. ڪي تہ زمين جي صفا ويجھو ھئا. سليم انھن کان بہ بچندو آيو.

رستي جي موڙن جي بہ خبر نہ ٿي پئي. جتي ھن کي مڙٽو ھو، اتي اندازي تي بيھي ٿي رھيو ۽ ڪنوڻ جي چمڪي ۾ اتي جا نشان ۽ ٻاريتا چڱيءَ طرح چڪاسي، پوءِ ٿي گاڏي موڙيائين. ھڪ موڙ تي توھہ ونڻ ۽ خاطري ڪرڻ لاءِ ھن کي پورا ڏھہ منٽ، وڄ جي روشنيءَ ۾ آسپاس جي جاچ ڪرڻي پئي.

رواجي طرح ھي ٽي ميل ڏھن منٽن ۾ طئہ ٿيندا آھن، پر طوفان ڪري، چاليھہ منٽ لڳي ويا. ھن سفر جي پوئين ميل ۾ ھن کي ڪابہ ھلندڙ گاڏي ڪانہ گڏي. سڀ آڻ ميڇي بيھي رھيا ھئا.

بنگلي ۾ نوڪر موجود ھو. ھن سليم کي سلامت ڏسي چيو:

"خدا جو شڪر آھي، توھين خير سان پھتا. منھنجو تہ ساھہ سڪي ويو ھو. ھي طوفان تہ ڪو خدائي غضب آھي. منھنجي بہ ھيءَ ڄمار اچي ٿي آھي، پر ھھڙو طوفان نہ ڏٺوسين نہ ٻڌوسين."

گھر ۾ گھڙڻ سان سليم اطمينان جو ساھہ کنيو، ۽ انيلا جي البيلائي موٽي آئي.

"مون کان وڌيڪ تہ تون ڊنل ھنئين. مان ڏسي رھي ھئس تہ تنھنجو منھن

پر، پنهنجي رواج موجب، ڇوريءَ کان پڇڻ به ضروري نه سمجهيو ۽ تت پٽڻ وارا هئا.

ڇوريءَ کي ڪا ان بابت ڪٿڪ پنجي ويئي. سٽو اچي پيءُ ماءُ تي ڪڙڪي، ۽ زوردار آواز ۾ چيائين: "مونکي هي رشتو نه پسند آهي ۽ نه منظور آهي. هڪ ته هينئر مونکي شادي ڪرڻي ناهي، پر جي ڪرڻي به هجي ها ته هھڙين نالائقين واري مڙس کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪريان ها. مان وري به توهانکي ٻڌايان ٿي ته منهنجو شادي ڪرڻ جو هينئر ڪو ارادو ڪونهي. توهانکي منهنجي پرڻي جي ڇنتا ڪرڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. مونکي ڪو پسند جو ساٿي مليو ته مان پاڻهي شادي ڪنديس. نه مليو ته مان پنهنجي مقصد سان شادي ڪنديس. ماڻهو قرآن سان به ته ڇوڪرين جي شادي ڪرائيندا آهن، مان پنهجي مقصد سان شادي ڪنديس، مان پنهنجي ڌرتيءَ سان شادي ڪنديس، جي توهان زوريءَ منهنجي شادي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته مان پاڻ کي انهن بزدل ڇوڪرين مان ثابت نه ڪنديس جي اهڙي حالت ۾ پنهنجو پاڻ کي مارينديون آهن، پر مان ان پيءُ ماءُ کي ماريندس جو هي بي جوڙ نڪاح پڙهڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو، ۽ ان ٽيڻ واري مڙس کي ماريندس جو منهنجو راضپو ڄاڻڻ کان سواءِ مون سان اهو ناتو ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو." ●

منهنجي ذهن ۾ اهڙي نموني جون سوچون جاري هيون. گهر مسيت ٺهڻ جو محاورو ته پراڻو آهي، خبر ناهي اهو ڪيئن ٺهيو، پر هينئر ٽي-ويءَ ته ٻي وقتيون ٻانگون ڏيئي سچ پچ اسانجا گهر مسيت بڻائي ڇڏيا آهن. ٻانگ ۾ سڏ ڏنو ويندو آهي ته "حي عليٰ لصلوات" يعني نماز پڙهڻ لاءِ اچو. گهر مان اهڙو سڏ ڏيڻ جو ڪو مطلب ڪونه ٿو ٿئي، ڇو ته نماز لاءِ مسيت ۾ وڃبو آهي، ۽ ڏاڙهي ڪي گهر ۾ اچڻ جي ڪوٺ ڪانه ڏبي آهي. پر هتي عوام جي احمقن لاءِ آهي "وهي نه وهي، وٽ رينگٽ ڪي."

وندر جو حس ته دل ۽ دماغ ۾ آهي، پر عام طرح ريڊيئي جي وندر ڪن ذريعي يعني ٻڌڻ سان محسوس ڪري سگهجي ٿي ۽ ٽي-ويءَ جي وندر ڪن ڪانسواءِ زيادهه تر اکين ذريعي يعني ڏسڻ سان ماڻبي آهي. انڪري ضروري آهي ته ٽي-ويءَ تي تصويرن جي تبديلي تڪڙي تڪڙي ٿئي، جيئن سندر سندر چهرا، وڻندڙ ڏيک ۽ نيون نيون شيون پردي تي نظر اينديون وڃن. لاڳيتو ساڳيو نظارو ۽ ساڳيا چهرا رکڻ يا ڊگهيون تقريرون ۽ ڊگها مباحثا هلائڻ ۽ ڏيک نه ڦيرائڻ، ٽي-وي ڏسندڙن واسطي بوريت جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

منهنجي سوچن جي سيسر، ٽي-ويءَ جي عام پروگرامن جي سمنڊ ۾ ترندا هليا. ۽ ... دفعا ساڳيون صورتون ڏيکاريون وڃن ٿيون. هر هڪ صوبي مان ٻه شخصيتون ڪنيون وڃن ٿيون ۽ اهڙي طرح مرڪز مان ٻه ٻه يا ٽي. ٽي-ويءَ جي پروگرام ۾ ڏهاڙي اهي سنڌي خبرن ۾ ڏيکارين، انگريزي خبرن ۾ ڏيکارين، اڙدو خبرن ۾ ڏيکارين، تبصري پروگرام ۾ ڏيکارين، پريس ڪانفرنس ۾ ڏيکارين، حالات حاضره پروگرام ۾ ڏيکارين، ۽ شايد ڪن ٻين پروگرامن ۾ پڻ، جي هينئر مون کي ذهن ۾ نه ٿا اچن، رڳو ايترن ماڻهن جا ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا وري وري چهرا ڏسڻ ۽ هنن کي ٻڌڻ، ۽ ڳالهيون به سيني جون هر ڀيري لڳ ڀڳ ساڳيون، نه رڳو هڪ ڏينهن ۾ ايترا ڀيرا پر هفتي جي ستن ئي ڏينهن ۾ ايترا ڀيرا. پر هفتي جي ستن ئي ڏينهن ۾ ايترا ڀيرا، مهيني جي ٽيهن ئي ڏينهن ۾ ايترا ڀيرا ۽ سال جي ٣٥٦ ڏينهن ۾ ايترا ڀيرا ساڳيا چهرا ڏسڻ ۽ ساڳين چهرن جي واتان ساڳيون ڳالهيون به اهڙيون جو ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ شخصي طرح ڄاڻي ۽ پروڙي ٿو ته انهن جو چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ فرق آهي ۽ عملي طرح ائين ڪونه آهي يا ائين ڪونه ٿو ڪيو وڃي، ته اها ريت منهنجي هن لکڻ مان ئي پڙهندڙ پڙهڻ سان دماغي توازن قائم رکي نه سگهي، سو تصور ڪريو ته اهو سڀ ٽي-ويءَ تي ڏسڻ وارو، پنهنجي ڪَل ٽڙڻ کان پاڻ کي ڪيئن بچائي سگهندو!

حاڪم، عوام جي پنهنجي اصلي ۽ ٻرندڙ مسئلن ۽ خاص ڪري اقتصادي مسئلن کان منهن پاسي ڪرائڻ خاطر، هٿراڌو مسئلا، غير ضروري مونجهارا ۽ نوان

نوان ناٽڪ پيش ڪندا آهن. اڄڪلهه ماڻهن کي راندين ۾ رنڊپايو ۽ رڇجهايو ويو آهي. ٽي-وي‌ءَ تي گهڻو وقت رانديون پيون ڏيکاريون وڃن ۽ گهٽي گهٽي، رستو رستو ڪرڪيٽ ۽ هاڪيءَ جو ميدان بڻيل آهي. نو لڳي چاليهه منٽن اشتهار هلي رهيا هئا، ۽ اڃا هلندا رهيا. پوءِ هڪڙو اڙدو نغمو ڏيکاريو ويو. وري اشتهار هلندا رهيا ۽ وري هڪ اڙدو قومي نغمو ڏيکاريو ويو. وري اشتهار شروع ٿيا ...... سوائين ڏهين بجي لکيت ۾ ڏيکاريو ويو ته ساڍي ڏهين بجي "خصوصي پروگرام" ڏيکاريو ويندو، جنهن ۾ ملڪ جي محبوب اڳواڻ، جنهن اترين علائقن جو اڄ دورو ڪيو آهي، ۽ جلسي کي خطاب ڪيو آهي، تنهن جي رڪارڊنگ ڏيکاري ويندي. اهو ڏسي، اسين سڀ مايوس ٿي وياسين، اسان جا منهن لهي ويا. جنهن ڳالهه کان پڪاسين ٿي، سائي ڳالهه ٿي رهي هئي. هاڻي اڃا به ڪهڙو ۾ گهٽ منو ڪلاڪ انتظار ۾ بور ٿيڻو پوندو.

ٽي-وي بند ڪئي وئي. ٻار اڱڻ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ يا راند ڪرڻ لڳا. مان هڪڙو ڪتاب پڙهڻ لڳس. پوڻين يارهين ڌاري ٽي-وي کولي وئي. ڏٺو ويو ته اڃا اشتهار ۽ اڙدو نغما اچي رهيا هئا. وچ ۾ ڏيکاريو ويو ته محبوب ليڊر جي دوري ۽ تقرير جي رڪارڊنگ اڃا ڪانه پهتي آهي، جيئن ئي پهچندي ته ڏيکاري ويندي. اسان جي دل هارجي وئي. ڊرامي ۾ دير پئجي رهي هئي. ڇا هنن جو ارادو اڄ سڄي رات ٽي-وي‌ءَ تي پروگرام هلائڻ جو آهي! وري ٽي-وي بند ڪئي وئي.

ننڍن ٻارن کي هاڻي اوٻاسيون اچڻ لڳيون هيون.

اتي اوچتو بجلي بند ٿي وئي. اسانکي ننڍي مايوسي وڪوڙي وئي. اسانکي خبر هئي ته بجلي ويندي آهي ته پوءِ پن منٽن ڪانپوءِ به اچي سگهي ٿي ته چار ڪلاڪ به وٺي سگهي ٿي. سڀڪنهن جي دل پئي چاهيو ته شل بجلي جلد اچي وڃي، متان ڊرامي جو ڪو حصو گسي نه وڃي. بجليءَ وارن کي بُرو ڀلو پئي ڳالهايوسين ۽ معاشري تي ملامت پئي ڪئيسين، جنهن ۾ نه لياقت رهي آهي نه ذميواري جو احساس، رڳو رشوت پئي راڄ ڪري. منهنجي هڪڙي ڪڪيءَ ته اهو ويچار به ظاهر ڪيو ته چاڻي واڻي هن سنڌي ڀاڙي جي بجلي بند ڪئي وئي آهي، جيئن اسين سنڌي، هي سنڌي ڊرامو ڏسي نه سگهون.

پندرهن منٽن ڪانپوءِ بجلي اچي وئي ۽ اسانجا نه رڳو چهرا ٻر روح به روشن ٿي ويا.

سوا يارهين بجي ٻارن ٽي-وي کولي ۽ جيئن ئي ڏٺائون ته محبوب ليڊر وڏي ميڙ آڏو تقرير ڪري رهيو آهي ته هن جي شان ۾ ڪجهه گٽا لفظ چئي، هڪدم ٽي-وي بند ڪري ڇڏيائون. پوءِ هر ڏهين منٽين اها حرڪت ورجائيندا رهيا: ٽي-وي

ٽي کوليائون، محبوب اڳواڻ جو آواز ٻڌي يا شڪل ڏسي، ڪجهہ ڳتا لفظ چني، تقرير ڪندڙ جي ڳالهائڻ ۽ هن جي چُرپُر جا ويچارا ٽي ڪڍيائون ۽ اهل ٽي ڪيائون، ۽ ٽي-وي بند ٽي ڪري ڇڏيائون. سڀ سنڌي ڊرامي ڏسڻ خاطر بيتاب، بيقرار ۽ پريشان ٿي رهيا هئا. ٻن ٽنڍين ٻارن کي تہ ننڊ وٺي ويئي. ٻيا جون اکيون بہ ڳوريون ۽ ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. نيٺ سوائين ٻارهين جو ٽي-وي کولي ويئي تہ هڪ سهڻي ڇوڪري، مرڪندي، اعلان ڪندي، نظر آئي: "اڄ جو پروگرام پورو ٿيو، هاڻي سڀاڻي جي پروگرامن جو تفصيل ٻڌوا....." •

# باهہ جو چنڊ

اسان زال ۽ مڙس جي ڳالهہ ٻولهہ ڏاڍي ڏکي هئي ۽ ان ۾ صفا مگن رهياسين. شايد ٻاهرين گرميءَ کي وسارڻ واسطي اسان پنهنجي گفتگوءَ جي موضوع ۾ گرمي پيدا ڪري ڇڏي. گفتگوءَ جو مرڪزي موضوع هڪ ٿي هو. سنڌ جي ڪن ٻين ضلعن وانگر اسانجي ضلعي ۾ بہ ڌاڙيلن جي ڌاڙن جي ڌم لڳي پيئي هئي، ۽ انهن تي ڪا بہ روڪ ٽوڪ نظر نہ ٿي آئي.

منهنجي زال جو هڪ سوٽ، جو پنهنجي مڇي مانيءَ وارو هو، تنهن جي گهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙيلن جو ٽولو گهڙي پيو. ڌاڙيلن وٽ خطرناڪ هٿيار هئا. گهر ۾ زر زيور، پئسا ۽ ٻيو جيڪو بہ چرڻ پرڻ جهڙو ملهائتو سامان هو، سو هنن ٻهاري، پنهنجي آندل سوزوڪي گاڏيءَ ۾ وڌو. گهر ڌڻي ٻيوسيءَ جا ٻت بڻجي، پنهنجو گهر لٽجندو ڏسندا رهيا. پڇاڙيءَ ۾ ڌاڙيلن منهنجي زال جو سوٽ جي پٽ کي پڪڙ طور پاڻ سان وٺي وڃڻ چاهيو ۽ هن کي ڇڏائڻ ڏنائون تہ فلاڻي ڏينهن، فلاڻي وقت، فلاڻي هنڌ بہ لک پهچائجو تہ ڇوڪري کي ڇڏينداسين. ڇوڪرو نوجوان ۽ جوشيلو هو ۽ پاڻ ڇڏائڻ ۽ ڌاڙيلن سان مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. پيءُ بہ پٽ جي بچاءَ خاطر ڌاڙيلن سان اٽڪي پيو. ڌاڙيلن ڌمڪيون ڏنيون، پر پيءُ اُن نہ مڃي. ڌاڙيلن بندوقن سان فائر ڪري، هنن کي مارڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي. پوليس کي اطلاع ڏنو ويو، پر اها ٻارهن ڪلاڪن کانپوءِ آئي ڪجهہ ڪونہ ٿيو.

اسان هڪ تازي ٻي گهٽنا تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ لڳاسين. ڌاڙيلن اسانجي ئي ترَ ۾ هڪ ڳوٺ ۾ پنج پنجابي ماريا هئا ۽ هنن جو مال ۽ سامان ڦريو هو. پنجابين پنج ئي لاش آڻي، سنڌ جي شاهراهہ تي رکيا هئا. سڄي ملڪ جي پوليس ۽ فوج چرپر ۾ اچي ويئي هئي، ۽ ايڏا هٿيار ۽ ايترا سپاهي اچي پهتا، ڄڻ تہ ڪنهن غير ملڪ تي حملو هو. آسپاس جي سنڌي ڳوٺن کي گولين ۽ بمباريءَ سان تباهہ ڪيو ويو. پڙهندا آهيون تہ هندستان ۾ ڪو انگريز قتل ڪيو ويندو هو تہ انگريزن جي پوري فوج توبن ۽ ٽئنڪن سان پهچي ويندي هئي ۽ قتل جي جاءِ جي آسپاس واري علائقي کي بارود ۽ بمن سان ناس ڪري ڇڏيندي هئي. نہ ڪنهن ٻار کي جيئرو ڇڏيندا هئا ۽ نہ ڪنهن ٻڍي کي، عورت کي نہ مرد کي، نہ نوجوان کي نہ بيمار کي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ان کانپوءِ انگريز ان علائقي مان پنهنجون سڀ ملڪيتون سستي اگهہ ۾ وڪڻي، اتان پڇي ويندا هئا، ۽ وري پوئتي نهاريندا بہ ڪونہ هئا.

اسان ان تي بہ خيالن جي ڏي وٹ ڪئي تہ ڪنھن بہ نوان پنجابي، نوان پٺاڻ يا نوان بلوچ نہ ٻڌا آھن، پوءِ ڪن ماڻھن کي 'نوان سنڌي' ڇو ٿو ڪوٺيو وڃي. ماڻھو يا سنڌي آھي يا سنڌي نہ آھي. اسان انھيءَ نتيجي تي پھتاسين تہ غير سنڌي ٿيڻ ھن ريت ھجڻ کپي تہ اھو ڌاريو غير سنڌي، سنڌين جي راضپي سان اچي سنڌ ۾ رھيو ھجي ۽ ڪنھن بہ سنڌيءَ کي ھن جي ھتي آباد ٿيڻ ۾ اعتراض نہ ھجي، ھو گھٽ ۾ گھٽ لاڳيتين ٽي پيڙھين سنڌ ۾ گذاري ۽ سنڌي ڳالھائي، سنڌي پڙھي ۽ سنڌي لکي ۽ سنڌي ٻولي دل جان سان ۽ عملي طرح قبول ڪري. انکانپوءِ ھو 'سنڌي' سڏائڻ جو حقدار ٿيندو ۽ ھتي ووٽ ۽ ڊوميسائيل جو حق ملڻ کپيس.

اسان اھوبہ خيال ظاھر ڪيو تہ اھي بزدل ۽ ڀاڄوڪڙ، جي ھندن کان ڊڄي ڀڳا ۽ پناھگير بنجي آيا، سي سرحد ٽپڻ سان پاڪستاني تہ ٿي سگھن ٿا، پر سنڌي ٿيڻ ايترو سولو نہ آھي. ان لاءِ پيڙھين جون پيڙھيون رياض ڪرڻو پوندو، ڪشالا ڪڍڻا پوندا ۽ انتظار ڪرڻو پوندو.

اسان اھو سوال بہ ھڪ ٻئي کان پڇيو تہ ڇا ڪنھن سنڌيءَ کي ھڪ انچ بہ زمين يا ملڪيت جو پنجاب ۾ مليو آھي؟ جي نہ، تہ پوءِ پنجابي سنڌ ۾ ھر قسم جي ملڪيت جا مالڪ ڇو آھن؟

ٻي دلچسپ ڳالھہ اسان ھيءَ سوچي تہ بنگالين 'بنگلاديش' جو نعرو ھنيو، ڪي سنڌ وارا 'سنڌوديش' جو نعرو لڳائيندا رھن ٿا، ڪي بلوچ 'آزاد بلوچستان' جو نعرو ھڻندا رھن ٿا، ڪي پٺاڻ 'پختونستان' جو نعرو آلاپيندا رھن ٿا، پر پنجابين طرفان ڪڏھن بہ اھڙي قسم جو نعرو نہ ٻڌو ويو آھي. ۽ پوءِ ان سوال جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۾ اسانکي ڪا مشڪل درپيش ڪانہ آئي تہ پاڪستان جو مطلب ڇا آھي؟

اسان ان تي پڻ بحث مباحثو ڪيو تہ ڌاڙيل، ڌاڙيل ڇو ٿا بنجن، ۽ انھيءَ نتيجي تي پھتاسين تہ ڌاڙيل بنجن ٿا، طبقاتي سماج ڪري، يعني وڏيرن جي پرماريت ۽ پوليس جي ڏاڍاين ڪري، ڌاڙيل بنجن ٿا قومي غلاميءَ ڪري يعني بيروزگاري ۽ ڌارين طرفان سنڌين جا حق ڦٻائڻ ڪري.

اسان ان تي پڻ ويچاريو تہ ڌاڙا ڪيئن ختم ٿيندا. ان جو جواب تہ اھوئي ھجڻ گھرجي تہ ان جا بنيادي ڪارڻ يعني طبقاتي سماج ۽ قومي غلامي ختم ٿيندا تہ ڌاڙا پاڻمرادو ختم ٿي ويندا. ۾ حالي .....

"مان ٿو ٻڌايانوَ......"

اسان پنھنجي دليلبازيءَ ۾ اھڙو مگن ٿي ويا ھئاسين جو اسانکي پتو ئي ڪونہ پيو ھو تہ ڪجھ دير کان اسانجو پٽ، جو يونيورسٽيءَ ۾ پڙھندو آھي، سو اچي

# ڊوڪو

ڊاڪٽر چارلس چارمنگ ڏاڍو خوش هو. تازو هو انگلينڊ ۾ جوهري جنگ ( - - ) خلاف هلچل هلائي حيدآباد سنڌ ۾ پنهنجي هڪڙي پياري ۽ ذهين دوست ۽ شاگرد وٽ آيو هو هن جو خيال هو تہ جوهري جنگ جو جيئن انساني حياتيءَ جي بقا سان واسطو آهي. آهي، ۽ ڊاڪٽر جي ذميواري بہ انساني جانيون بچائڻ آهي.ان ڪري هن ڪي هر حال ۾ اهڙي جنگ ٿيڻ کي روڪڻ ۽ جوهري هٿيار ( - - ) جي هيل تائين دنيا ۾ ٺاهيا ويا آهن.انهن کي برباد ڪرڻ ۽ انهن جي وڌيڪ ٺاهڻ تي بندش وجهڻ لاءِ پورا اُپاءَ وٺڻ کپن. هن کي خبر هئي تہ جوهري جنگ جو نتيجو ۽ اثر ڏسڻ لاءِ، دنيا ۾ ڪو انسان ئي ڪو نہ بچندو. نہ رڳو انسان پر حيوان ۽ وڻ ٻوٽا بہ تباہ ٿي ويندا. جتي ڪٿي انسان ۽ جناورن جا سڙي ويل هڏاوان پڃرا نظر ايندا. زمين جي مٿاڇري جو پاڻي سڪي ويندو ۽ جو پاڻي بچندو، اهو زهريلوپاڻي پيئڻ لائق نہ هوندو. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو انسان بچيو تہ اهو بہ ڪئنسر ۾ ورتل، لُو لُو لنگڙو ۽ رڳو چرنڊڙ پرنڊڙ لاش ۽ شڪل ۾ پوائتو هوندو. هن جو ماس سڪل سڙيل هوندو، هو نہ ڏسي سگهندو. انسان جي صدين جي دوران حاصل ڪيل تهذيب ۽ ترقي ڪن ۾ تباہ ٿي ويندي. ماحول ۾ گرميءَ جو ٽيمپريچر ايترو تہ وڌي ويندو، جو ڪو بہ ساهوارو جيئرو رهي نہ سگهندو.

اهڙي جوهري جنگ ٿيڻ خلاف سڄي يورپ ۽ آمريڪا ۾ احتجاج ٿيا هئا. ڊاڪٽر چارلس چارمنگ جي تحريڪ برٽش ميڊيڪل ايسوسيئشن اهڙي جنگ کي بنجو ڏيڻ ۽ اهڙن موتمار هٿيارن ٺاهڻ تي بندش وجهڻ لاءِ سرگرم عمل رهي هئي، اتي جي اٽڪل ٻن هزارن ڊاڪٽرن، انگريزي پارليامينٽ آڏو ٦٤ ڪلاڪن جي بک هڙتال ڪئي هئي. ۽ اتي جي جوهري ڪارخاني آڏو مظاهرو ڪيو هو. لنڊن ۾ يورپ ۽ آمريڪا جي ٻين مرڪزي شهرن وانگر، عوام لکن جي ڳاڻاٽي ۾ هڪ زبردست جلوس ڪڍيو هو، ان ۾ ماڻهو اهڙا انقلابي چهرا پائي شامل ٿيا هئا، جهڙا پوائتا چهرا، جوهري جنگ جي نتيجي ۾ ماڻهن جا ٿي ٿي سگهيا، اهي موت جا ڊيڄاريندڙ چهرا هئا. ڊاڪٽر چارلس بہ موت جو ماسڪ پائي ، ان عوامي جلوس ۾ شريڪ ٿيو هو.

اهڙي قسم جي احتجاجن جوئي نتيجو هو جو دنيا جي ٻن وڏين طاقتن، يعني روس ۽ آمريڪا جي ڀڳدارن ان مامري تي ملڻ ۽ ڳالهايون ڪرڻ ۽ جوهري هٿيارن ۽ جوهري جنگ کي روڪڻ لاءِ گڏ جڻ جو ارادو ڪيو هو. اها ڳالهہ هئي ڊاڪٽر

پٽن جي وچ مان جيپ ڪاهيندو، ڊاڪٽر لائق ان جاءِ تي پهچي ويو، جتي ٻيڻ ٻڪن جي ڊونڊي کي ڪجهون چيري ڦاڙي، ماس کائي رهيون هيون، ۽ هڪ ٻئي ۾ وڙهي رهيون هيون، چارلس حيرت ۽ ماٺ ۾ اهو نظارو ڏسندو رهيو.

هن هلندڙ جيپ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ڪجهن جا ولر اڏامندي ڏٺا.

اڳيرو هليا ته ائين جو هڪڙو قافلو اچي لنگهيو. اٺ ڏبرا ۽ ڏڪاريل هئا. انهن تي چڙهيل ٻار، ضاعفون ۽ مرد، بس انسانن جا پاڇولا هئا؛ سنهڙا سڪل، زندگيءَ جو ڪو اهڃاڻ ڪونه، نه رنگ نه روپ، نه جوڀن نه جواني، نه صحت نه صفائي. چپ سڪل اکيون ڏرا ڏئي ويل. ڪُٻا ۽ اڌ اگهاڙا. ماس ته هون ئي ڪونه. رڳو ڪاراٽيل ۽ گهنجيل چمڙي ۽ هيٺا هڏڙا. چپ ئي ڪونه ٿي چرين، ڄڻ گونگا هئا. اکيون خالي، ڄڻ نظر کان وانجهيون هيون.

رستو ڪٿي هنو ئي ڪونه. ڪٿي ڪٿي گاڏين هلڻ ڪري ڪجهه چيلا ٺهيل هئا، نه ته جيپ گهڻو ڪري پٽن جي وچ مان پنهنجا پيچرا ٺاهيندي هلي رهي هئي. هڪڙي هنڌ هڪڙي ٽرڪ ويندي نظر آين. چارلس ڏٺو ته اها تمام پراڻي هئي ۽ تمام اڙنگا گهوگهٽ ڪندي، وڌ ۾ وڌ ڏهه ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي رهي هئي. پٺيان ماٺهوپريل هئا. انهن جي وهڻ واسطي ڪي سيٽون ڪونه هيون، پر سڀ هيٺ تري ۾ ويٺل هئا، اهڙا سوڙها ويٺا هئا جو چرڻ پرڻ جي گنجائش به ڪونه هئي. اهي اپرا ۽ سڪل سڙيل هئا، ۽ هينئر پکهر ۾ شل هجڻ ڪري ۽ مٽان واري ۽ ڌوڙ ۾ لنبجڻ ڪري، هو عجيب قسم جا ڀوت لڳي رهيا هئا. نه رڳو ايترو، پر هنن سان گڏ وچ ۾ ڪجهه ٻڪريون به وهاريون يا بيهاريون ويون هيون ۽ انهن جو مٽ ۽ ڦولهڙيون، هنن جي لٽن ڪپڙن کي ٿلهي ۽ ڏپ ڦهلائي رهيون هونديون. چارلس سنڌي نه هو، نه ته جيڪر ٻڪر پوسات، جي اصطلاح جو جيئرو جاڳندو مثال، هن جي ذهن ۾ اُڀري ها..

هو هڪڙي کوهه وٽ اچي بيٺا. چارلس نوڙي کوهه ۾ نهاريو. ٻه سَوُ فوٽ اونهو هو. هڪڙو اُٺ رسيءَ ۽ گرٽيءَ رستي ان مان پاڻيءَ جون پکالون ٻاهر ڇڪي رهيون هو. پاڻي گندو ۽ ڪاري رنگ جو هو. هن اهو چکڻ چاهيو، پر ان جي صورت ڏسي، اهو خيال لاهي ڇڏيائين. اتي ڪجهه عورتون، مرد ۽ ٻار، دلا، ڏول ۽ گهاگهرون کنيو بيٺا هئا. انهن سڀني جا جسم بيمار ۽ نبل هئا، ۽ ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿيل ۽ اٺهورا. هن کي ٻڌايو ويو ته ڏهن کوهن اندر، ماڻهن ۽ حيوانن جي پاڻيءَ جو ذريعو اهو اڪيلو کوهه هو. ماڻهن کي ايتري پنڌ تان پاڻيءَ جي هڪڙي گهاگهر واسطي اچڻو ٿي پيو.

هو اڳتي وڌيا. ڪن هنڌن تي پاڻيءَ جا ننڍا تلاءَ يا ڏُٻا نظر آيا، جي ٿوري گهڻي پيل مينهن جي ڪري بنيا هئا. چارلس ڏٺو ته اهو تلائن جو بيٺل پاڻي ڪنو

پارس ۽ پدمني، توڙي ٻيا ٻار ۽ وڏا ڳوٺ جي گهٽين ۽ بازارين جو روشن ڏيک ڏسڻ ۽ رانديون ڪرڻ لاءِ نڪري پوندا هئا. پارس کي اڄ بہ ياد ايندو آهي تہ پدمني ڏاڍي معصوميت مان چوندي هئي: "توکي خبر آهي تہ ڏياريءَ جي ڏينهن ۾ هتي هوا ڇو ٿي بند ٿي وڃي؟" ۽ وري پاڻ ئي جواب ڏيندي هئي تہ "هوا ان ڪري ٿي بند ٿئي تہ اسان جا ڏيا نہ وسامن ۽ سوجهرو رهي!"

پدمنيءَ ۽ پارس ٻنهي ڳوٺ جي اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئا. اتي فقط چار درجا سنڌي هئا. سيٺ ٻولو مل کي ڏيهہ کي وڌيڪ پڙهائڻ جو شوق هو، پاڻ واپار سانگي ڪراچيءَ ۾ رهندو هو. پدمنيءَ کي بہ اتي وٺي وڃي هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايائين. ڏيهہ جي ڪري ماءُ کي بہ هاڻي ڪراچيءَ ۾ رهڻو پيو، پرهن جا ٻيا مائٽ ڳوٺ ۾ ئي هئا. پارس کي اسڪالرشپ ملي وئي، ان ڪري هو سکر هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺي سگهيو.

غريبيءَ جي ڪري پارس مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ ڪاليج ۾ داخلا وٺي نہ ٿي سگهيو ۽ انهن ڏينهن ۾ ڪاليج فقط حيدرآباد يا ڪراچيءَ ۾ هئا. پر سيٺ ٻولومل هن کي مالي مدد ڪري، ڪراچيءَ جي ڪاليج ۾ داخل ڪرايو. هو اتي هاسٽل ۾ رهڻ لڳو. ڪاليج جو ٻيو سال اڃا شروع مس ٿيو تہ ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ ٻولومل وارن کي سنڌ ڇڏڻي پئي. پارس تعليم جاري رکي نہ سگهيو. هن ڪاليج ڇڏي، ڪراچيءَ ۾ ئي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ ڪلارڪيءَ جي نوڪري ورتي، جتي ٣٩ سالن کان پوءِ اڄ هو آفيس سپرنٽينڊنٽ هو ۽ رٽائر ڪرڻ کي ويجهو هو.

منڍ کان ئي ڪجهہ عرصي تائين سيٺ ٻولومل ۽ پارس جي وچ ۾ خط جو سلسلو جاري ٿي ويو. پوءِ پارس ۽ پدمني پڻ هڪٻئي کي باقاعدي حال احوال لکڻ لڳا. هن ۾ هڪ نئين هڪجهڙائي وجود ۾ اچي وئي. پدمني هندستان ۾ سنڌيءَ جي ٻرک ناول نويس بنجي وئي، ۽ پارس سنڌ ۾ سنڌيءَ جو ڄاتل سڃاتل ڪهاڻيڪار ٿي اڀريو.

جيئن تہ پارس ۽ پدمني ٻئي ترقي پسند ۽ انقلابي ساهتڪار هئا، ان ڪري مذهبي حڪومت هن کي پاسپورٽ ۽ ويزا ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي. ان ڪري نہ پارس هندستان وڃي سگهيو ۽ نہ پدمني سنڌ ۾ اچي سگهي هئي.

برسات بند ٿي وئي هئي. آسمان صاف ٿيڻ لڳو هو. هوا هلڪي ٿي وئي هئي. اُس وڌيڪ تيزاڻ سان واپس اچي وئي هئي. پارس، پدمنيءَ جو تازو آيل خط ڪڍي، وري پڙهڻ لڳو:

...... توکي چڱيءَ طرح ڪاتو آهي تہ سنڌ ڏانهن اچڻ تي منهنجي دل ڪيڏو نہ چاهي ٿي، مون کي پنهنجي ڌرتي ڏسڻ جي ڪيتري نہ تڙپ آهي! پر ڏسجي ٿو تہ جيستائين جاگيرداري ۽ سرمائيداري سرشتا موجود آهن، اٿين ٿيڻ

ڪارخاني جا ڏڪاريل هئا. اهڙي طرح ڪارڪن جو هڪڙو ٽولو پيدا ٿي پيو. هو پنهنجي سر پنهنجي منهن گهربل نقطي نگاهه کان ڪم ڪرڻ لڳا. پوءِ ميٽنگ جو مرحلو آيو. پنجاهه ڄڻن کي ڪوٺ ڏني وئي. چاليهن جي اچڻ جي اميد هئي، پر آيا فقط ڏهه ڄڻا. هنن حوصلا ڪونه هاريا. هو هڪ وات ٿي قدم ڄمائي چڪا هئا، وک تکي يا ڍلي، قافلو هلائيو رهيو اڳتي وڌيو رهيو.

وٺي وٺيءَ سان ميٽنگون ڪندا رهيا، سوچيندا رهيا، رٿون رٿيندا رهيا. ٻين ستايلن سان ملندا رهيا. ٻين پارٽين سان وات ٽڪاٽي ڪندا رهيا.تَر جي دانائن ۽ قومي ڪارڪنن سان ٻه لهه وچڙ ۾ آيا نيٺ هڪ ننڍڙي تنظيم ٺهي پئي، هڪ ننڍڙي پارٽي وجود ۾ اچي وئي. ٻه سال ٻيا ٻه لڳي ويا. پارٽيءَ وارن جي تعليم، تنظيم تيار ٿيندي رهي.هنن ۾ خود اعتمادي پيدا ٿي چڪي هئي. ان ڪري چتل اڄ پنهنجي تقرير ۾ چيو:

"وقت اچي ويو آهي ته اسين تَر وارا ستايل ۽ پورهيت پنهنجي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻون."

"اسين" ڀرڳو پارٽي وارا نه ٿا اچي وڃون پر ان ۾ سڀ شامل آهن.اسان جا مٽ مائٽ ۽ پاڙي اوڙي، سڀي تَر جي ڳوٺن ۽ شهر جا ستايل پورهيت، اهي پورهيت به جي بيروزگار آهن. يا ٻين ڪارخانن جا ڏڪاريل آهن.۽ هتي جا هاري ۽ شاگرد پڻ."

چتل پاڻ تي تنقيد ڪرڻ جي روايت به قائم ڪئي هئي مثال طور هو بار بار پنهنجي تقريرن ۾ چوندو هو:

" چيو وڃي ٿو ته اسين سنڌي محنت نٿا ڪريون ۽ پورهئي کان پري ٿا ڀڄون. اهو ڪهڙي قدر صحيح به آهي.ان لاءِ سبب پڻ آهن. جاگيرداري سرشتي ۾ اسان جي محنت جو سارو ڦل زميندار هڙپ ڪري ويندو هو ڪارخاني ۾ به مزدور جي محنت جو سڄو فائدو سرمائيدار کي ملي ٿو. پر اتفاق سان هي ڪارخانو قومي ملڪيت ۾ ورتل آهي. ان ڪري ملڪ لاءِ پيدا وار وڌائڻ سان گڏ اسان جو خاص مقصد اهو ثابت ڪرڻ هوندو ته اسان ۾ محنت ڪرڻ جو پوريون پوريون صلاحيتون آهن.۽ اسين ٻين کان وڌيڪ محنت ڪري سگهون ٿا."

هڪ هزار پورهتين جي صحيحن سان نوڪريءَ لاءِ تفصيلي درخواست ڪارخاني جي مئنيجر کي موڪلي وئي. ڏهه ڏينهن گذرڻ تي به ڪو جواب نه مليو.

چتل جي اڳواڻيءَ هيٺ پنجن پورهيتن جو وفد وڃي مئنيجر سان روبرو مليو. هن جو ڏيان ڇڪايو ويو ته ڪارخاني ۾، نوڪري ۾، تَر وارن کي اوليت ملڻ کپي ۽ سرڪاري فرمان موجب ستر سيڪڙو نوڪريون هتي وارن کي ملڻ کپن،

ڪندا رهيا.

اهڙي حالت ۾ ٿي منجهند لڙي وئي. پوءِ اختياري وارا اچي پورهيتن، هارين ۽ شاگردن جي اڳواڻن سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

فيصلو ٿيو ته ٻاهرين ماڻهن مان جن جي نوڪري ڪچي آهي تن کي ڪڍيو ويندو. جيڪي جڳهيون خالي آهن يا آئينده خالي ٿينديون وينديون يا نيون پيدا ڪيون وينديون تن سڀني تي ترَ جا ماڻهو رکيا ويندا.

ٻه سال گذري ويا آهن. ڪارخاني جي ٻه هزار پورهيتن ۾ تر جي پورهيتن جو تعداد هڪ سؤ مان وڌي چار سؤ کي پهتو آهي. انگ اکر ڏيکارين ٿا ته ترَ جي پورهيتن جي پيداواري قوت ٻين جي ڀيٽ ۾ ڏهه سيڪڙو وڌيڪ آهي. ●

# ڪارو صوبيدار

صوبيدار گم ھو؟
ڀڄايو ويو ھو؟
يا روپوش ٿيو ھو؟
روپوش ٿيڻ لاءِ
سبب تہ ڪونہ ھوس.
تڏھن ڇا
ضد ۾ اچي،
بدلي وٺڻ لاءِ،
ھن کي ڪنھن
زوريءَ ڪنيو آھي.
اغوا ڪيو آھي!
پنھي ھن جي ساٿين ۾ ڦاٽڙي.
اڄ جي ڀڄايو ويو
ساٿي اسانجو ھڪڙو
ساڳي ڪار ٿي سگھي ٿي
سياٽي اسان سان پي.
ڪم تہ ساڳيا آھن،
ڪارناما تہ اھي ئي آھن.
تنھن ڪري زمين آسمان ھڪ ڪري،
صوبيدار سندو سراغ لھبو،
ڏوھارين کي پڪڙيو
۽ ڏبا انھن کي اھڙو عذاب،
ست پيڙھيون ڪندن ياد.

ان وقت انگولا جي انقلابي تحريڪن جي پريات ھئي. ماٿھو اجا سجاڳيءَ جا پھرئاٿ ڪ موڙي رھيا ھئا. صوبيدار جي غائب ٿيڻ ڪري سڄو پوليس ڪاتو ٽرٽلي ۾ اچي ويو. نہ رڳو ھن شھر جا پوليس آفيسر، پر پوري ملڪ جي پوليس عملي جي ننڊ حرام ٿي وئي. ائين پئي ڏنو ڄڻ تہ سيڪنھن کي پنھنجي سر جي اچي لڳي آھي. تنھن ڪانسواءِ پورچوگيز سرڪار خاص حڪم جاري ڪيا تہ سڀ حيلا ھلائي

مهيني کان مٿي ٿي ويو هو، پر صوبيدار جو ڪو سراغ ڪونہ مليو هو.

سڄ ڪاپار تي آهي. ڪاڙهو وڏي رهيو آهي. انگولا جي گاديءَ واري شهر لئانڊا جي رستن ۽ بازارين ۾ ماڻهن ۽ گاڏين جي پيهہ لڳي پئي آهي. عمارتن جون ڇتيون، جي گهڻو ڪري ڳاڙهي رنگ جون آهن، سي سڄ جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيون آهن. هڪڙو ڪارو شخص جدا جدا گهٽين مان هلندو، هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو، هڪڙي سائيڪلن جي دڪان تان ڀاڙي جي سائيڪل اچي وٺي ٿو. هو قداور ۽ جانٺو جوان آهي. هن کي آفريڪي نموني جو سادو ۽ پراڻو ويس پهريل آهي. هو جڏهن پيدل پئي هليو تڏهن بہ، ۽ هاڻي جڏهن سائيڪل تي پئي ويو تڏهن بہ، هن جي دماغ ۾ خيالن جو طوفان ۽ هن جي دل ۾ جوش جو ٻرندڙ ڪورو آهي.

هن کي جيڏانهن وڃڻو آهي، اوڏانهن وڃڻ واسطي شهر پار ڪرڻ لاءِ سڌو رستو بہ آهي، پر "ڪارن" کي ان رستي تان لنگهڻ جي منع آهي. ان ڪري هن کي وڏو وڪڙ ڪري، شهر جا ڪيترائي رستا ۽ گهٽيون لتاڙي، شهر اڪرڻو پوي ٿو.

هو سوچي ٿو:

"هي ملڪ اسان جو آهي، هيءَ ڌرتي اسان جي آهي، پر اسان جي حيثيت جانورن کان بہ بدتر آهي. هتي جا حاڪم اڇيءَ چمڙي وارا آهن. هن شهر ۾ ئي ڪيتريون اهڙيون هوٽلون، ڪلبون ۽ تفريح گاهہ آهن، جتي فقط گورا وڃي سگهن ٿا. ڪاري چمڙي وارن کي اتي قدم رکڻ جي اجازت ڪانهي. ڪي خاص گورن جي رهڻ جا پاڙا آهن، جتي اسان ڪارن کي وڃڻ جي موڪل ناهي. ڪن رستن تان اسانکي لنگهڻ جي منع آهي. ڪن رستن تان اسانکي لنگهڻ جي ان شرط سان اجازت آهي تہ اسين ڪنڌ جهڪائي لنگهون ۽ ڪنهن بہ گهر، در يا دريءَ ڏانهن نگاهہ نہ ڪڻون."

"شهر جي سُٺن ۽ عاليشان گهرن ۾ غير انگولي رهن ٿا. انگولي سرمائيدار، انگولي زميندار ۽ انگولي ڪامورا، جي ڌارين اڇي چمڙي وارن جا دلال آهن، سي پڻ سٺن گهرن ۾ رهن ٿا. باقي عام پورهيت انگولين کي مٽي ڍڪڻ لاءِ پوري ڇت بہ ڪانهي. غير انگولي فوجين کي بہ پڪيون پڪيون ڪالونيون بنائي ڏنيون ويون آهن. هنن کي اسان جون زمينون بخشيش ۾ ڏنيون ويون آهن."

هو شهر پار ڪري، ٻاهر پهتو. جلد ئي اچي زمبيري نديءَ جي بند تي چڙهيو. چوطرف ساوڪ ئي ساوڪ هئي، مڪائي، وونڻ، ڪوڪو، ڪافي، تماڪ ۽ ٻيا فصل جهومي رهيا هئا. ڪيوڙن، زيتونن، ڪاٺ ڳدرن ۽ اناس جا آباد باغ هئا. پريان ناسي ناسي جبل نظر اچي رهيا هئا، جتي هيرن، جواهرن، سون، پلئٽينم ۽ يورينيم جون کاڻيون هيون. ڀرسان لوهي منارا ٿي ڏٺا، جتي پيٽرول جا کوهہ هئا.

"اسان جو ملڪ شاهوڪار آهي. اسان جي ڌرتي مالامال آهي صديون اڳي گوري چمڙي وارا پورچوگيز يورپ مان آيا ۽ اچي اسانکي غلام بڻايائون. اسان تي ظلم ۽ زبردستي ڪري، اسانکي ٻانها بڻائي، دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ وڪڻي، پاڻ دولت ڪمائيندا رهيا. هاڻي رڳو ڪمائيءَ جو رخ بدلايو اٿن. هاڻي اسانجي ڌرتي جو ڌن وڪڻي، دولت ڪمائن ٿا. هي ڪيت ۽ کاڻيون، هي ڪوهه ۽ باغ غيرن جي قبضي ۾ آهن. انهن تي پورهيو اسان کان وٺن ٿا، پر سارو ڪٽيو پاڻ کائين ٿا. اسان کي ايترو به ڪو نه ٿا ڏين جو آرام سان جيئرا رهي سگهون."

هاڻي هو هيڏانهن هوڏانهن نظرون ڦيرائيندو، بند تان لٿو. سڌ پنڌ پريان پيلو ٿي شروع ٿيو. هي ٻيلو آفريڪي نموني جو نهايت گهاٽو ۽ خوفناڪ هو. ان ۾ زراف، زيبرا، هاٿي، گينڊي، شينهن ۽ چيتي جهڙا خطرناڪ جانور جام هئا، پر ان ٻيلي جي گهٽين ۽ گسن کان واقف هو، ان ڪري سلامتيءَ واري واٽ وٺي ٿي سگهيو. جهنگ ۾ پهچي، هن سائيڪل مقرر محفوظ جڳهه ۾ لڪائي،. ٿورو اندر وڃي، پنهنجو لڪل ڏنڊو ۽ رائيفل ڪڍيائين.

هو ٻه ميل ڪن هلندو هليو. پوءِ اهڙي هنڌ پهتو، جتان جبلن جون قطارون شروع ٿيون. اهي جبل پڻ وڻن ۽ ٻوٽن سان ڍڪيل هئا. هو جبلن تان چڙهندو ۽ لهندو هليو.

هڪڙي جڳهه تي وڃي رڪيو. پهرين چوطرف نهاريائين. پوءِ پٽ تان پٿر کڻي، خاص نموني "ٺڪ، ٺڪ" ڪيائين.

هن جي سامهون، جو ظاهري اهو دروازي جو جهڳٽو هو، تنهن ۾ چرپر ٿي، ۽ پوءِ اهو دروازي وانگر کلي پيو. کوليندڙ هن کي فوجي سلام ڪيو ۽ اندر غار ۾ گهڙي ويو. جڏهن اتان ٻاهر نڪتو، تڏهن هن کي فوجي نموني جي وردي پهريل هئي. ٻوٽن پريل دروازو وري بند ٿي ويو.

هو هڪ ٻئي پهاڙ تي چڙهي ويو. اتي به ساڳئي طريقي دروازو کولرايائين. هي غار ڪافي ڪشادو هو. هتي ڪيترائي ڪاريگر ۽ مستري بندوقون، بارود، بم ۽ ٻيا ڏيهي هٿيار ٺاهي رهيا هئا. هن هر هڪ جي ڪم جي چڪاس ڪئي ۽ هدايتون ڏنيون پوءِ اتان نڪتو. وري ٽئين غار اندر ويو. اهو ولايتي هٿيارن جو اسٽور هو هن ان جي چڪاس ڪئي.

پوءِ هو ٻه ٽي پهاڙيون لنگهي، اهڙي هنڌ پهتو جتي جبلن جي وچ ۾، ڳچ حصي تائين ڪي قدر سنئون سڌو ميدان هو. اتي هڪ پاسي انگولي شاگرد، هاري ۽ مزدور بندوقن سان نشانا چٽڻ جي مشق ڪري رهيا هئا. ٻئي پاسي ڪيترائي جوان پريڊ ڪري گوريلا سکيا وٺي رهيا هئا.

ٿورو پريرو هڪ مٿاهين جڳهه تي، ڳم ٿيل ڪارو صوبيدار هڪ وڻ سان ٻڌل

هو. هن جو وات به ٻڌي بند ڪيو ويو هو. البته اکيون ۽ ڪن کليل هئس.

جڏهن صوبيدار جي هن تي نظر پئي، تڏهن حيرت مان صوبيدار جون اکيون ڦاٽي ويون: ڇا هي ئي ڪجي جو ماڻهو ڪارنيٽو، گوريلن جو ڪمانڊر آهي! اهو ڪارنيٽو جنهن کي هن جي سامهون اچڻ يا ڪنڌ کڻڻ يا ڳالهائڻ جي همت نه ٿيندي هئي. اهو ڪارنيٽو، جنهن کان هو پنهنجي گهوڙي جي لڏ کڻائيندو هو. اهو ڪارنيٽو جنهن مان ڪجهه ڏوڪڙ ڪڍڻ خاطر بنا ڪنهن قصور جي هن کي ٽي ٽي، چار چار ڏينهن لاڪپتو لاڪ اپ ۾ رکي ماريندو ۽ بي عزتو ڪندو هو. سو ڪارنيٽو گوريلن جو ڪمانڊر آهي!

مهينو کن اڳ گوريلن هن صوبيدار کي اغوا ڪري هڪ غار ۾ قيد رکيو هو. اڄ ٽي پهريون ڏينهن هو. جو هن کي ٻاهر ڪڍيو ويو هو. هن کي چاٽي واٽي گوريلن پنهنجيون تياريون ۽ ساز سامان ڏيکاريو هو ۽ پهاڙيءَ ۾ سامهون ٻڌي ڇڏيو هو.

صوبيدار کي اهو ڏسي ٿهرس لڳو ته انهن گوريلن ۾ گهڻا اهڙا هاري، شاگرد ۽ پورهيت هئا، جن کي هو ڪنگهندو به ڪو نه هو: بلڪه هنن سان هرويرو به پيو جٺيون ڪندو هو، هنن کان بيگر ۾ ڪم وٺندو هو، هنن کي زميندارن ۽ سيٺين جي چوڻ تي سزائون ڏيندو هو ۽ جلسن جلوسن ۾ هنن سان تعديون ڪندو ۽ جيلن ۾ واڙيندو هو.

هتي هي ڪاروايون ڏسي، صوبيدار دل ۾ سوچڻ لڳو: مان ڪنهن نموني هتان بچي، پڇي نڪران ته اختياريءَ وارن وٽ وڃي هيءَ ڦاٽ ڦاڙيان ، هن بغاوت ۽ راڄڌوهي جي قلعي کوليان ته مونکي وڏا انعام اڪرام ملندا. مونکي تڪڙي ترقي ملندي ۽ مان فورن ايس-پي ته ضرور بڻايو ويندس. حالانڪ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به ديسيءَ کي صوبيدار کان مٿي عهدو نه ڏنو ويو آهي،پر منهنجو هي ڪارنامو اهڙو ٿيندو جو مون کي ايس-پي ضرور بڻايو ويندو.

صوبيدار نگاه مٿي ڪئي ته ڏٺائين ته ڪارنيٽو سڄي پلٽڻ جي سلامي وٺي رهيو هو.

پوءِ سڄي پلٽڻ صوبيدار جي ويجهوئي پلٿي ماري اچي پٽ تي ويٺي. ڪنهن به صوبيدار سا نه ڪي ڳالهايو نڪي هن ڏي ڌيان ڏنو. پهرين هڪ گوريلي هيءَ گيت ڳايو:

مون کي فخر آهي مان ڪارو آهيان.

مون کي ڏهاڙي ذليل ڪيو ٿو وڃي.

منهنجيءَ قوم سان هر گهڙيءَ جٺيون ڪيو وڃن ٿيون. پر اهو ڏينهن ايندو، جڏهن مان آزاد ٿيندس.

گورن جي غلاميءَ کان،

ڪارا ماڻهو، ڪاري قوم!
اٿو ننڊ مان اٿو!
تيار ٿيو ان جنگ لاءِ،
جا اسين شروع ڪرڻ وارا آهيون.
ڪارنيٽي اٿي بيهي بلند ۽ باوقار آواز ۾ چيو:
"ساٿيو! اڄ هن صوبيدار جو فيصلو ڪرڻو آهي. توهان مان هن بابت جنهن کي جيتري ڄاڻ هجي سان پڌائي ۽ هن جي ڏوهه ۽ سزا جي باري ۾ پنهنجي پنهنجي راءِ پڌري ڪري."
پوءِ جنهن ڳالهائڻ چاهيو، تنهن اٿي بيهي ڳالهيو، ڪيترن ئي هڪ ٻئي پٺيان ڳالهايو:
"هي صوبيدار وڏو ظالم آهي. هن پنهنجي ماڻهن سان غير انساني ڏاڍايون ڪيون آهن. هن بيڏوهين کي ٽيهون ڏياريون آهن ۽ ڦاسين تي چاڙهيو آهي."
"هو مٺتين ظالم طبقي جو چاڙتو آهي. هن سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي چوڻ تي هزارين هارين ۽ پورهيتن جو رت وهايو آهي."
"هو غير ملڪي سامراجين جو دلال آهي. پنهنجي اڇي چمڙيءَ وارن آقائن کي خوش ڪرڻ خاطر، هن پنهنجي قوم جي مذاق اڏائي آهي. اسان جي قوميت جي نظرئي تي چٿرون ڪيون آهن. اسان جي قومي ۽ سياسي تنظيمن کي دٻائڻ لاءِ پنهنجي ديس واسين سان غير انساني سلوڪ ڪيو آهي. پنهنجي غير ملڪي آقائن يعني پورچوگيزن وٽان انعام حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾، پنهنجي وطن جي قومي مدبرن، قومي اديبن ۽ قومي شاعرن کي قيد جي ڪوٺڙين ۾ بند ڪيو آهي، ۽ هن کي طرحين طرحين ذهني ۽ جسماني ايذاءَ ڏنا آهن."
"اسان اهو به برداشت پئي ڪيو. اسان کي خبر آهي ته رياست، ڪامورا شاهي ۽ پوليس سامراجيت جو حصو هوندا آهن. طبقاتي ڪشمڪش ۾ اهي ٽيئي مٺتين ظالم ۽ سامراجي طبقي جا هٿيار بنجندا آهن، دلال ٿيندا آهن. هي صوبيدار به انهيءَ نظام جو حصو آهي. اسان جي تنظيم اڃان ان پد تي ڪا نه پهتي آهي جو اهڙن ملڪي ظالم ڪامورن تي سڌيءَ طرح قدم کڻي. پر اسان جو مستقبل ۾ پڪو آهي ته جڏهن اسان سوشلزم ۽ ان کان به اڳتي وڌنداسين ۽ سارو پرماري نظام ختم ٿيندو، ان ۾ رياست، ڪامورا شاهي ۽ پوليس جو وجود ئي ڪو نه هوندو."
"پر هاڻي هي صوبيدار اسان جي تحريڪ ۾ رڪاوٽون وجهڻ لڳو هو. اسان جي ڪارڪنن کي ته وقت بوقت تڪليف ۽ پيڙا پئي ڏني اٿائين. مثالطور، اسان جي ٻن ڪارڪنن کي ڀتين تي پوسٽر لڳائيندي پڪڙيائين. انهن وٽ ڪو اعتراض جوڳو

# سرٽيفڪيٽ

"جيئي سنڌ" پهرين اينڊڙ ڇوڪري، ڊاڪٽر سان هٿ ملائيندي چيو.

"سدان جيئي، سدا جيئي." ڊاڪٽر ٻهڪندي جواب ڏنو.

ٻئي ڇوڪري به ڊاڪٽر سان هٿ ملايو.

"ويهو ادل ويهو."

"سائين مهرباني."

"خوش ڇڱا ڀلا، جوڙا متارا."

"سائين خير هوندو."

"ڪيئن اچڻ ٿيو آ؟"

"سائين گهڻي وقت کان توهان سان ملڻ جو شوق هو، پر ڊپ ٿيندو هو ته توهين وڏا ماڻهو، ناراض نه ٿيو ته هرويرو ملڻ جو آيا آهن." پهرئين ڇوڪري چيو.

سارو وقت پهريون ئي ڳالهائيندو رهيو، ٻيو ماٺ رهيو.

"نه بابا، مان ان ڪري ناراض ڇو ٿيندس."

ڊاڪٽر وراڻيو.

"گهڻي عرصي کان توهان جون ڪهاڻيون، اخبارن ۽ رسالن ۾ پڙهندا رهيا آهيون. ڏاڍو وڻنديون آهن، ڏاڍو متاثر ٿيندا آهيون."

"اڇا."

"توهان جا شايع ٿيل ڪتاب پڻ پڙهيا اٿئون. خوشامد ڪانهي، توهين سنڌ جا بهترين اديب آهيو."

"مهرباني."

"توهان جهڙن سنڌ دوست ماڻهن ۾ ئي سنڌين جون اميدون آهن. اسان کي توهان تي ناز آهي."

ڊاڪٽر پنهنجي مُرڪ لڪائي نه سگهيو.

"پر ادل، توهان پنهنجي واقفيت ته ڪرائي ڪا نه؟"

"سائين، اسين گورنمينٽ ڪاليج جا شاگرد آهيون."

"ڪهڙي ڪلاس ۾؟"

"سائين، بي - اي ۾."

"اڙي ... ڏسو مان سنڌي ٻولي وساري ويٺس. مهمانن کي چانهه جي صلاح به ڪو نه ڪيم."

"نه سائين، حقيقت ۾ اسان چانهه پيتي آهي."

"پلا لکڻ پڙهڻ سان به شوق اٿو، منهنجو مطلب آهي ڪورس کان سواءِ؟"
"سائين پڙهڻ سان ته آهي. باقي لکڻ ڪو نه اچيم. البت قومي هلچل سان چڱو واسطو رهيو آهي."
"ڇا؟"
"ها سائين، مان پنهنجي ڪاليج ۾ جيئي سنڌ شاگرد جماعت جو مکيه ڪارڪن پڻ رهيو آهيان. ڪاليج يونين جي چونڊن ۾ منهنجو وڏو هٿ هوندو آهي ۽ جيئي سنڌ وارن کي کٽرائڻ جي پوري ڪوشش ڪندو آهيان."
"ڏاڍو سٺو."
"ها سائين، اهو ته اسان جو فرض آهي. اسين سنڌي به سنڌ لاءِ نه ڪنداسون ته ٻيو ڪير ڪندو؟ مان ته ٽوڊي ڇوڪرن کي چوندو آهيان ته حڪومت جا پٺو نه بڻجو، پر عوام جا پٺو بڻجو. اسان کي هتي جي عوام کي پنهنجي حقن جو احساس ڏيارڻ، حقن لاءِ لڙڻ ۽ حقن حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻو آهي."
"توهان شاگردن کي ٻهراڙيءَ ۾ وڃي ڪم ڪرڻ گهرجي. ٻهراڙي ئي سنڌ جي اصل طاقت آهي."
"ها سائين، مان پاڻ جماعت ۾ رٿ پيش ڪرڻ وارو آهيان ته اسين جتا ناهي، ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي ماڻهن ۾ شعور جاڳايون."
"واهه واهه." ڊاڪٽر جي چهري تي خوشيءَ جا اهڃاڻ نظر آيا. هُو ڇوڪري کي متاثر ٿي رهيو هو.
"سائين، اهي سڀ سڀ توهان جون دعائون توهان جهڙن جي رهنمائي آهي."

"بابا، مون کي ايڏو نه پڙهايو. مان ته رواجي ماڻهو آهيان."
"پر، مان پنهنجا حقيقي جذبا بيان ڪري رهيو آهيان."
"ها پلا ڪاليج جو ماحول ڪيئن آهي، پڙهائيءَ جو ڪهڙو حال آهي؟"
"سائين پناهگير تعصب لڳايو ويٺا آهن. سڀ فري شپون ۽ اسڪالرشپون پنهنجن کي ڏياريو ڇڏين. باقي غريب ۽ حقدار سنڌي شاگرد ٻاٽون ڪائيندا وتن."
"پوءِ توهان ان بابت ڪجهه ڪيو ڪو نه ٿا؟"
"ها سائين، گهڻو ڪجهه ڪري رهيا آهيون. جماعت طرفان ان ڳالهه کي ڪنيو اٿئون. سائين، ان کان سواءِ ٻيون پڻ ڪيتريون اسان سان ڏاڍايون آهن. امتحان ۾ به اسان کي نقصان رسائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. اجهو منهنجو پنهنجو ئي مثال آهي. پرنسپال کي خبر آهي ته مان جيئي سنڌ شاگرد جماعت جو مکيه ماڻهو آهيان. ڪجهه جماعت جي جلسن، جلوسن جي سلسلي ۾، ۽ ڪجهه بيمار پوڻ ڪري، منهنجي حاضريءَ مان ڪجهه ڏينهن ڪٽي پيا آهن. بس هاڻي انهيءَ ڳالهه

ڪي بهانو بنائي، پرنسپال منهنجي امتحان جو فارم نٿو ڀري ۽ منهنجو سال ٿو وڃائڻ چاهي."

"هونءَ!" ڊاڪٽر چيو، "ته پوءِ جيترا ڏينهن تنهنجا ڪٽيل ٿا، اوترن ڏينهن جو مان تو کي بيماريءَ جو سرٽيفڪيٽ ٿو ڏيان. پوءِ تنهنجي پرنسپال کي تنهنجو فارم رد ڪرڻ جو نه عذر رهندو ۽ نه اختيار."

"نه سائين مان توهان کي اهڙي تڪليف ڏيڻ مناسب نٿو سمجهان."

"نه بابا، تڪليف ڪهڙي آهي. اهڙي وقت به مان تو جهڙي مجاهد کي ڪم نه آيس ته پيو ڪڏهن ايندس."

"سائين... "

"بس، تون ٻڌاءِ ڪيترا ڏينهن ڪٽيل ٿا؟"

"سائين ... ٽيهه ڏينهن."

ڊاڪٽر رجسٽر ۾ داخلا ڪئي. سرٽيفڪيٽ لکيو ۽ هن کي ڏنو.

"سائين، هيءَ ته توهان مهرباني ڪري ڇڏي. سائين، في گهڻي ڏيان؟"

"تو کان في نه وٺبي. تو جهڙن نوجوانن جي في قوم جي ڪنڌي آهي."

"سائين، توهان جا لک لک احسان، چڱو سائين، جيئي سنڌ"

"سدا جيئي!"

ٻئي ڇوڪرا اسپتال کان ٻاهر آيا.

ٻئي ڇوڪري، پهرين ڇوڪري کي چيو: "اڙي ڀٽيا، تون نه ڪڏهين ڪو رسالو پڙهين نه ڪتاب، نه ادب سان واسطو، پوءِ تو ڊاڪٽر صاحب کي ڪيئن چيو ته: بهترين اديب آهيو ۽ بهترين قومي ڪهاڻيون لکندا آهيو. تنهن کان سواءِ ان ڪوڙ هڻڻ جو به ڪهڙو ضرور هو، ته تون جيئي سنڌ جو ڪارڪن آهين، حالانڪ تو نه ڪڏهن ان تحريڪ ۾ حصو ورتو، نه تو وٽ قومي جذبو آهي."

"مون هين کان ٻڌو آهي ته ڊاڪٽر صاحب ڪهاڻيڪار آهي ۽ قومي خيالن جو آهي."

"پر به هيترو ڪوڙ ۽ لباڙ ڇا لاءِ؟"

"سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ." •

# ساٿيھہ مٿائن سون تي

ھن عرب اڳواڻ جو ھي بيان پڙھي مان حيران ٿيس، خوش ٿيس ۽ پڻ ڪي اھو ٻڌائڻ ۽ ڏيکارڻ لاءِ بيتاب ٿيس. بيان پڙھڻ سان ھڪدم محسوس ٿيم تہ انھيءَ بيان ۾ آيل ويچار اول ئي منھنجي دل ۾ موجود ھو. پر ٻاھر ڪو نہ ٿي ڪڍيم، يا ٻاھر ڪڍڻ چاھيم ٿي، پر ھمت نہ ٿي ٿي. يا ھمت ٿي ٿي تہ لفظ نہ ٿي لڌا، يا جي لفظ لڌا ٿي تہ موقعي جي تاڙ ۾ ھوس. مون کي خبر ھئي تہ اھو ويچار، دنيا جي سچن ۾ ھڪ وڏو سچ آھي.

مون ۾ ھڪ انوکي بي آرامي پيدا ٿيڻ لڳي. مون چاھيون تہ اھو بيان گھٽي کان گھٽا ماڻھو پڙھن. اھو ويچار پنھنجي ديس ۾ عام توڙي خاص تائين پھچائجي منھنجي دل چاھيو تہ پمفليٽ ڇپرائجن. پوسٽر پٽين تي چنبڙائجن، برش سان ديوارن تي لکرائجي. مان گھر ۾ ويھي نہ سگھيس ۽ پنھنجي انھن خيالن کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ سوچيندو ٻاھر نڪتس.

پيرھين پنڌ ھلڻ لڳس، جيئن پٽين تي لڳل اشتھار ۽ پوسٽر ۽ لکيل نعرا ڏسندو ۽ پڙھندو وڃان، جيئن ان بيان جو بلو ڪرڻ لاءِ ذھن ۾ ڪو خاڪو تيار ٿئي.

پٽين تي لڳل پوسٽر ۽ لکيل اشتھار گھڻو ڪري ھڙئي پرديسيءَ ٻوليءَ ۾ ھئا. مون کي ان ڳالھہ تي بہ خار وٺندي آھي تہ اشتھار لکندڙ کھڙا نہ بدذوق آھن: ڪيئن نہ رستن، بنگلن، باغيچن، جاين ۽ شھر جي خوبصورتيءَ جي ستياناس ڪن ٿا. اڄان بہ اھي ڪنھن اھڙي ٻوليءَ ۾ ھجن ھا، جا عربي لپيءَ ۾ لکي وڃي ٿي ۽ ڪنھن ماھر لکندڙ يا پينٽر جا لکيل ھجن ھا، تہ وري بہ نظر کي چڱا لڳن ھا. انھن مان گھڻا اشتھار اناڙين ۽ بد ذوقن جا لکيل ٿي ڏٺا. حڪومت جي پابندين ڪري، ڪيترا اشتھار سيڙھي يا ڪارڻ سان ڊاھيا ويا ھئا. پر ڪي اشتھار خاص ڪري مرداني طاقت، بواسير، سبڻ جي مشينن، ڪي سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ، ھوٽلن، شفا گھرن ۽ ھيلٿ سينٽرن جا اڃان صحيح سلامت ٿي ڏٺا. ڪي اشتھار ڪبڏي ۽ فوٽ بال ٽيمن جي سلسلي ۾ ھئا، ڪن سياسي پارٽين ۽ پورھيت جي يونين جي جلسن ۽ جلوسن جي باري ۾، ڪي پوسٽر اڌوگابرا، اڌ ڦاٽل يا سڄا موجود ھئا.

شھرن جي پٽين تي سياسي نعرا ۽ پوسٽر بہ اٿين ۽ ايترو جلدي جلدي بدلبا رھبا آھن، جيئن فلمن جا اشتھار، سياست جي پردي تي جو ڪيل چڙھندو آھي، ان جي باري ۾ بنا دير پٽين تي وڏن وڏن اکرن ۾ نعرا لکجي ويندا آھن ۽ پوسٽر پٽرا

ڪان پوءِ هن ديس کي ڪالوني سمجهي، هتي جي اصلوڪن ديسن واسين کي محڪوم جو درجو ڏني، اقتصادي طرح هنن کي غلام بنايو ويو وڃي، هنن کي بنيادي ۽ انساني حقن کان محروم ڪيو ويو وڃي. هو پنهنجي ٻولي ۽ تهذيب، اصلي ديس واسين مٿان مڙهيندا رهيا آهن. اهو آهي نون آيلن جو سامراجي ڪردار.

سامراجي سدائين پنهنجا دلال پيدا ڪندا آهن. ڪي هن ديس جا اصلي ديس واسي زميندار ۽ ڪامورا، ڌارين سامراجين جا دلال بنجي، هتي جي پورهيتن ۽ هارين(جي هن ڌرتيءَ جا اصل وارث آهن) کي پيڙي رهيا آهن.

ويٽنام ۾ سامراجي هئا، فرينچ ۽ آمريڪي، ۽ سندس چاڙتا هئا، اتي جا ويٽنامي زميندار. اهڙيءَ ريت چين ۾ سامراجي هئا. جهاني، ۽ سندن دلال هئا ديسي جاگيردار. انهن ٻنهي ملڪن ۾ جڏهن انقلاب آيو، تڏهن انهن ٻنهي طبقن جو تلو پٽايو ويو.

هتي پڻ انقلاب آڻڻ لاءِ پورهيتن ۽ هارين کي سامراجين توڙي سندن چاڙتن جي پاڙ پٽڻي پوندي.

يهودين خلاف مٿي بيان ڪيل پوسٽر تارو لڳايو ويو هو، ان ڪري توري توري پنڌ تي پٽين مٿان نظر اچي رهيو هو. ان کي ڏسندو ويس ۽ مون کي پڪ ٿيندي ويئي ته پٽين تي لڳائڻ، پوسٽر يا پمفليٽ ڇپرائڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. اسان وٽ ننڍڙي تنظيم ٻه ڪانهي جو اهڙا هلڪا هلڪا ڪم ڪري. تنظيم کان سواءِ ڪير ڇپائيءَ جو ڪم ڪرائي. ڪير ديوارين تي لڳي، ڪير شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي ورڇ ڪري.

مان گورڪيءَ وانگر ساڳئي وقت اديب، انقلابي ۽ سياسي ڪارڪن ڪو نه آهيان. هو نه رڳو لکندو هو. ۾ پمفليٽون ۽ ڪتابڙا ملڪ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ وڃي ورهائيندو هو. تقريرون ڪري پرچار پڻ ڪندو هو ۽ سياست ۾ ڀرپور وٺندو هو.

مان رڳو اديب آهيان، قلم کان ڪم وٺي ڄاڻان، ان ڪري جيڪي چوڻ ٿي چاهيم، سو ڪهاڻيءَ جي لباس ۾ لکندس.

هاڻي، ان مسلمان اڳواڻ جو اهو بيان لکان ٿو، جنهن تائين پهچندي پهچندي، مون کي هيتري ڪٿا لکڻي پئي. هن جو بيان هتي جي سامراجيت ۽ سندس دلالن جي منهن تي ٿڦڙ آهي.

هن اڳواڻ، فرينچ اخبار، "لي ماندي" جي عيوضيءَ کي انٽرويو ڏيندي چيو:

"مان فقط ان حالت ۾ جنگ ۾ حصو وٺندس، جڏهن ان جو مقصد هوندو غاصب کي پوري سيڪٽ ڏيڻ. مان انهن مڙني يورپي يهودين کي هتان تڙي ڪڍڻ ٿو چاهيان، جي ١٩٤٨ع کان پوءِ عرب علائقن ۾ آباد پئي ٿيندا رهيا آهن. جيستائين

عرب [illegible] جو لاڳاپو آهي، اهي اسان جا پاتر آهن. هو اسان جي وچ ۾ اهڙي ئي امن [illegible] تيءَ سان رهندا، جيئن صديون کان هن زمين تي رهندا آيا آهن."

هي آهي لبيا جي صدر ڪرنل قضافيءَ جو بيان.

صدر قضافي اهو شخص آهي، جو ڪٽر مسلمان سمجهيو وڃي ٿو. اسلامي روايتن کي نئين سر جيارڻ جي جاکوڙ ڪري پيو ۽ پنهنجي ملڪ اندر نج اسلامي قانون جاري ڪري رهيو آهي. •

ڪنهن ڪان ڪرائيندا سين. باقي هن کي هوش ۾ آڻيو ۽ هن جي زخمن کي ٽانڪا لڳايو ته رت بيهي. اهو ڪم توهان هتي ڪري سگهو ٿا." ڪو مائٽ چوي ٿو.

"مريض جي حياتي خطري ۾ آهي، مون کي ته سمجهه ۾ نٿو اچي ته توهين ايترو ضد ڇو ٿا ڪريو. مون کي ته اهو به شڪ ٿو پوي ته توهان هن مائيءَ جي زخمن جي باري ۾ مون کان اصل ڳالهه پيا لڪايو. توهان ٿا چئو ته مائي ڏاڍو ڪائي ڪري آهي. ائين ڪرڻ ڪري ته هيترا ۽ اهڙا زخم ٿي نٿا سگهن." ڊاڪٽر چوي ٿو.

مائٽ ماٺ ٿي وڃن ٿا ۽ هڪ ٻئي ڏي نهارين ٿا. پوءِ هڪ پوڙهي مائي، جا زخمي عورت جي ماءُ هئي، سا سرڪي ڊاڪٽر جي ويجهو اچي ٿي ۽ هٿ ٻڌي چوي ٿي:

"ڊاڪٽر سائين! ڊاڪٽر ابو امان ٿيندو آهي. توهان کان ڇا لڪائيندا سين ۽ نه لڪائي سگهندا سين. پر ڇا ڪريون هڪ ڀيرو اول سول اسپتال جون اکيون ڏسي چڪا آهيون."

"ڇا ٿيو آهي؟" ڊاڪٽر پڇي ٿو.

"اڳي به ڇوڪريءَ کي هڪ ڪمري ڏاڍا ڏڪ لڳا هئا. توهان وانگر هڪ ڀيرو خانگي ڊاڪٽر هو، ان کي و ٺي آيا سين. هن چيو ته سول اسپتال ڪٺائي وڃوس، اوڏانهن ڪٺائي ته وياسونس پر اتي اسان سان جيڪي جنيون ٿيون سي اڄ تائين وساري نه سگهيا آهيون."

"ڪهڙيون جنيون؟" ڊاڪٽر دريافت ڪري ٿو.

"اتي واري ڊاڪٽر پڇيو ته مائيءَ کي زخم ڪيئن ٿيا آهن ۽ ڏڪ ڪيئن لڳا آهن. اسان به ڊاڪٽر کي ابو امان سمجهي هن کي سچي ڳالهه ٻڌائي ته سندس مڙس ڪُٽيو ۽ ماريو اٿس. پوءِ ته مارئي ڊاڪٽر اکيون ڪڍي ڦوڪاريون ۽ چيائين ته پوليس کي فون ڪرڻو پوندو ۽ اها اچي بيان وٺي تنهن کان پوءِ علاج ٿيندو. اسان کي ڪٺي وهاريائين ۽ پوليس کي فون ڪيائين. جهٽ ۾ پوليس وارا اچي پهتا ۽ اسان مان ٻن ماين ۽ ٽن مردن کي ڪنيي ٿاڻي تي وٺي ويا. ڇوڪريءَ جو مڙس اسان سان گڏ ڪو نه هو، جيڻن هينئر به الائي ڪيڏانهن هليو ويو آهي، سو تنهن کي به ڳولي ڦولي ڪٿان پڪڙي آيا. سيني کي سڄي رات اچيو بکيو ٿاڻي تي وهاريائون. صبح جو ٻين کي ته ڇڏين پر مڙس کي روڪي رکين ۽ چين ته چئن ڪلاڪن اندر جي پنج سؤ روپيا نه ڏيندا ته ڪيس ڪورٽ ۾ چالان ڪنداسين. بس ڏاڍا بڇڙا ٿياسين ۽ پٽ سٽ ڪري پوليس کي سؤ ڏئي جند ڇڏائيسين. هاڻي تون ابو آهين جيئن وڻئي تيئن ڪر پر ڇوڪريءَ جو ڀلو ڪر. مون سان ته ٻنهي پاسي ڏچو آهي." پوڙهي ڳالهائيندي هنجون هاريندي رهي ٿي.

# تاڄ جويي ڏانهن خط!

سائي تاج جويا　　　　　　　　　　　سکر سنڌ ٩١-٩- ٩

هي خط، ٩ سيپٽمبر جي "جاڳو" جي هڪ خبر جي حوالي سان لکي رهيو آهيان. ان موجب سنڌي بيمار اديبن لاءِ فنڊ ڪٺو ڪرڻ لاءِ، هڪ ڪاميٽي قائم ڪرڻ جو سنڌ سنگت طرفان اعلان ڪيو ويو آهي. ان ڪاميٽيءَ جي ميمبرن مان مون کي فقط طارق اشرف جي ڪردار بابت چٽاڻ ڏيڻو آهي. هن اٺ نو سال اڳ مون کان هڪ هزار روپيا اڌارا ورتا هئا، ۽ مهيني کان پوءِ موٽائي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هئائين. پر ياد ڏيارڻ جي باوجود، اڄ ڏينهن تائين نه موٽايا اٿائين. ان کان سواءِ ١٩٨٩ع ۾ مون کي منهنجي ڪهاڻي ڪتاب "دوکو" ڇپرائڻ لاءِ هڪ هزار رايلٽي ڏيڻ جو انجام ڪيو هئائين اهو ڪتاب ڇپرائي شايد وڪرو به ڪري ڇڏيو اٿائين. پر مون کي اجورو ڪو نه ڏنو اٿائين. اهڙيءَ طرح هو منهنجا ٻه هزار هڙپ ڪيو ويٺو آهي. ان بي ايمانيءَ ڪري، منهنجي بيماريءَ دوران، مون کي ڇپڻ به ڪو نه آيو ۽ نه وري پنهنجي رسالي "سهڻي" ۾ ان بابت ۽ مون کي منهنجي گهر مان پناهگيرن جو ڪيڻ ۽ ان تي قبضو ڪرڻ بابت به سٽون لکائين. تفصيل ته ڪڏهن روبرو ٻڌائيندس.

ٻيو هن نذير ناز سان سندس (طارق اشرف) جي ڪتاب جي سلسلي ۾ جي دوکا ڪيا، سي ته نذير ناز پاڻ هڪ ادبي ميڙ ۾ ٻڌايا هئا. هن کي اهو به مرم ڪو نه ٻيو ته هوءَ هڪ سنڌي عورت آهي، ۽ عورت ٿي ڪري پنهنجي جذبي شوق هيٺ ناري پبليڪيشن ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪري رهي آهي. مان نذير ناز جي پچار ان ڪري ڪئي آهي، جو هوءَ به منهنجي ڳوٺ خانواهڻ جي آهي.

طارق اشرف جو، اسان جي ڳوٺ جو شڪار، پارس حميد آهي. جڏهن بشير مورياڻي، هن جي ڪاتي جو سربراهه هو، تڏهن هن حميد سميت، پنهنجي ڪاتي جي ٽيهن چاليهن ماتحت ملازمن کي چيو ته هو سهڻي رسالي جا ساليانه خريدار ٿين ۽ هڪ سال جو چندو ڏين. هو ٿيا، جن ۾ حميد به شامل هو. پوءِ انهن خريدارن کي فقط هڪ هڪ پرچو موڪليو ويو. ٻيا ته شايد ادب پڙهڻ جا شوقين نه هئا، پر حميد پارس انتظار ڪندو رهيو. ٽي چار پرچا سهڻيءَ جا بزار ۾ آيا ته حميد کي ٽپال رستي جي ڪو نه مليا ته هو حيدرآباد ويو ۽ طارق اشرف کان گهريائين. تڏهن هن کي مليا. هي حقيقت پارس حميد مون کي پاڻ ٻڌائي آهي.

اهڙيءَ طرح طارق اشرف جا ڪارناما به پيا ٻڌبا آهن، مون دل ۾ چيو: "جو ڍيري گڏهه رک پال". پاڻ پراڻا سائي آهيون. تو ان محنتي سياسي ڪارڪن ۽ ترقي پسند ساهتڪار آهيو، هڪ ٻئي تي تنقيد ڪرڻ جا حامي آهيون، دوستن کي به ڏوراپو ڏبو، پندرنهن ويهه سال اڳ سنڌي ادبي سنگت خانواهڻ وارن هڪڙو

ڪتاب "ناچڻي جو جنم" ڇپرايو هو، ان جون توهان هڪ سو ڪاپيون ورتيون هيون، ڪميشن ڪاٽڻ کان پوءِ توهان ڏي چار سو روپيا ٽيڻ ٽا. اهي توهان اڄ تائين ادا نہ ڪيا آهن. جيتوڻيڪ توهان ڏي ڪيترا پنڌ ڪيا ويا ۽ ياد ڏياريو ويو آهي، ۽ هاڻي نيٺ همراهہ ماٺ ٿي يا آهن.

ڪتاب جي خرچ ۾ منهنجو بہ حصو آهي، ان ڪري حساب ڪتاب کان مونکي باخبر رکيو ويندو هو. غلام نبي ناشاد تازو بہ اها شڪايت ڪئي ۽ توهان پاڻ سڃاڻ ماٺهو آيو، اهي ڳالهيون هلنديون وتن ٿيون ۽ هڪ ترقي پسند اديب يا سياسي ڪارڪن کي پنهنجي ڪردار جو تمام گهڻو خيال رکڻو آهي.

مان ڪن اديبن کي بہ خط جون ڪاپيون موڪلي رهيو آهيان، تہ جيئن ڳالهيون رڪارڊ تي رهن.

جيئي سنڌ

نجم عباسي

ڊاڪٽر نجم الدين عباسي
ايم. بي.، بي. ايس
ڪاڏي ڪاتو، حيدرآباد سنڌ
پريان ڳالهائڻ انگ: ٢٤٥٦٠

تاريخ 30.11.91

## اطلاع

مون نازِ سنائي، سنڌ ۾ ساهت گهر جي مالڪ سان منهنجن ڪتابن "نجم عباسي جون مڪمل لکڻيون" بابت لکت ۾ جيڪو معاهدو ڪيو هو، اهو غلط ۽ اڻ مڪمل هو. ٻي ڳالهه نه ته ان ۾ هوندي به ڇپائي، مارڪيٽ ۾ آڻي ڪونه سگهيو آهي. اهو معاهدو هڪ طرفو هو، مون پنهنجي پاران ڪي شرط شروط ڪونه ڪيا هئا. ان معاهدي کي هاڻي رد سمجهيو وڃي. پاڻ فقط ٻيهر پنهنجي جلد ڇپائي سگهي ٿو، جنهن لاءِ هو جوڳو آهي ته انهي ڇپائيءَ جو ڪم هٿ ۾ ڪين اٿائين. هاڻي جيڪڏهن هو مون سان نئون معاهدو ڪرڻ چاهي ٿو ته 30 نومبر 1991ع کان 15 ڊسمبر 1991 جي وچ ۾ مون وٽ سکر ۾ اچي ۽ نئين سر معاهدو ڪري جو قانوني طرح لکيو ويندو؛ جو ٻنهي ڌرين وارن دستاويز تي لکيو ويندو، ان ۾ ٻنهي پارٽين جا پنهنجا پنهنجا شرط ۽ مطالبا هوندا، شاهدن جون صحيحون هونديون ۽ مئجسٽريٽ يا اوٿ ڪمشنر Attest ڪندو.

نجم عباسي
21/III، بئراج ڪالوني
سکر سنڌ.

ساهتي سوشل ويلفيئر ائسوسيئيشن خانواهڻ پاران
جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

# شال مرڪندو رهين

(ڪهاڻيون)

غلام نبي ناشاد

---

نجم عباسيءَ جا جلد شايع ٿيندڙ ٻه بهترن ڪتاب

## (١) پاڻ ۾ ويٺا آهيون

(ڪهاڻيون ۽ مڪالمہ)

## (٢) نجم عباسيءَ جا خط

(نجم عباسيءَ جا يوسف سنڌيءَ ڏي لکيل ادبي خط)

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڦُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناданيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)